سال (18) جمعو 17 آڪٽوبر 2025ع 23 ربيع الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (25)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت حيدرآباد

68 Years 1958 - 2025

Regd: NO-2430-B

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) جمعو 17 آڪٽوبر 2025ع 23 ربيع الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (63)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

افغان سرحد وٽان دهشتگردن جي پاڪستان ۾ داخلا جي ڪوشش ناڪام، فورسز وڌيڪ 50 ڀارتي حمايتي دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

مهمند ضلعي ۾ سيڪيورٽي فورسز هڪ وڏي ڪارروائي دوران پاڪستان ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي 45 کان 50 خوارجين کي ماري ڇڏيو: آءِ ايس پي آر پاران تصديق

خوارجين جي وڏي لشڪر کي نشانو بڻايو ويو، ڪارروائيءَ دوران ڪيترائي خوارجي زخمي ٿي پيا، پاڪ فوج علائقي کي گهيري ۾ آڻي مڪمل ڪليئرنس آپريشن شروع ڪري ڇڏيو

آپريشن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ، فوٽيج ۾ آپريشن ٿيڻ کان پهرين خوارجين جي سرگرمي کي ڏسي سگهجي ٿو، مارجي ويل خوارجي افغانستان مان پاڪستان ۾ دهشتگرداڻيون ڪارروايون ڪرڻ لاءِ اچي رهيا هئا

خوارجين جي موجودگي جي اطلاع تي سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ضلعي جي علائقي اسپن ولام ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو، جنهن دوران خوارجين جي لڪاڻن جو موثر طريقي سان گهيراءُ ڪيو ويو

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز جي خيبرپختونخوا صوبي ۾ گڏجهي اطلاع تي بدلي مختلف ڪارروايون ۾ ڀارتي حمايت يافته فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ 50 خوارجي مارجي ويا آهن گڏيل ڏينهن پاڪ فوج جي سڌ سماءَ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) مان جاري بيان موجب 13 ۽ 15 آڪٽوبر دوران خيبرپختونخوا صوبي ۾ ڪيترين ئي ڪارروايون ۾ ڀارتي حمايت

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين آپريشنز جاري رکيا ويندا: صدر

خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروايون تي فورسز کي خراج تحسين

رياست ڀارتي حمايت يافته فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان کي پاڙ کان پٽي ڇڏيندي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسان جي دلير پُٽن اثرائتي ڪارروايون ڪري دشمن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو: گهرو وزير

گهرو وفاقي وزير پاران ڪي پي ڪي ۾ ڀارتي اسپانسرڊ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروايون تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

پاڪستان جي پيشيورانه سيڪيورٽي فورسز نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن، قوم دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ پُرعزم آهي

سيڪيورٽي فورسز جا بهادر آفيسر ۽ جوان اسان جو فخر آهن، قوم فورسز جي قربانين کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي: محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو وفاقي وزير محسن نقوي ڪي پي ڪي ۾ ڀارتي اسپانسرڊ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروايون تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيورانه صلاحيتن کي ساراهيو آهي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ايندڙ سال امن جو نوبل انعام مون کي ڏنو وڃي: آمريڪي صدر

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته کيس اميد آهي ته ايندڙ

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا جي گورنر پاران سوات حادثي تي افسوس جو اظهار

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي گورنر

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

افغان طالبان ڀارت جي چرچ تي پاڪستان تي حملو ڪيو، مجبوريءَ ۾ سخت ڪارروائي ڪرڻي پئي: وزيراعظم

پاڪستان ۽ افغانستان جي ڊگهي گڏيل سرحد آهي، پاڪستان محدود وسيلن باوجود افغان پناهگيرن جي ڀرپور ميزباني ڪئي، 40 لک افغان ڏهاڪن کان پاڪستان ۾ رهندڙ آهن

سان پائيدار رشتي کي قائم ۽ دائم رکيو آهي، افغانستان سان جائز شرطن تي ڳالهه ٻولهه لاءِ تيار آهيون، افغان دهشتگرد اسان جي پوليس، پاڪ فوج جي جوانن ۽ عام شهرين کي شهيد ڪري رهيا آهن

2018ع ۾ دهشتگردي ختم ٿي وئي هئي پوءِ ڪيئن دهشتگرد واپس آيا؟ 2018ع کانپوءِ واري حڪومت دهشتگردن کي واپس آڻي رهايو، بدقسمتي سان ڪجهه ڏينهن اڳ پاڪ فوج تي فتنه الخوارج حملو ڪيو

تازن واقعن کانپوءِ سهپ جو سلسلو ختم ٿي ويو آهي، نائب وزيراعظم، بچاءُ واري وزير ۽ ٻين عملدارن ڪيترائي ڀيرا ڪابل جو دورو ڪيو، افغان اختيارين کي ٻڌايو ته اسان علائقي ۾ امن ۽ ترقي چاهيون ٿا

جنهن وقت حملو ٿيو ان وقت افغانستان جو پرڏيهي وزير دهليءَ ۾ ويٺو هو، فيلڊ مارشل عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪ فوج منهن ٽوڙ جواب ڏنو آهي، هاڻي بال افغانستان جي ڪورٽ ۾ آهي

افغانستان جي درخواست تي 48 ڪلاڪن لاءِ جنگبندي ڪئي وئي، دوست ملڪ خاص طور تي قطر ان معاملي کي طئي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، پاڪستان خطي ۾ امن چاهي ٿو

ڪجهه ماڻهو غزا جي معاملي تي سياست ڪرڻ چاهين پيا، غزا ۾ ٿيل ظلمن جي موجوده دور ۾ مثال نه ٿو ملي، غزا ۾ معصوم ٻارن جو رت وهي رهيو هو، تنقيد ڪندڙ ان وقت ڪٿي هئا

غزا ۾ جنگ بندي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ صدر ٽرمپ ۽ ٻين ملڪن جا ٿورا مڃيا ٿو، غزا جنگ بندي ۾ پاڪستان پنهنجو فرض ادا ڪيو، شرم الشيخ ۾ معاهدو ٿيو ۽ ماڻهن خوشي ملهائي

آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدو ٿيڻ تي پنهنجي ٽيم جو ٿورائتو آهيان، آءِ ايم ايف جو هي پروگرام آخري هئڻ گهرجي، وقت اچي ويو آهي قرضن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريون: وزيراعظم شهباز شريف جو وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته افغان طالبان ڀارت جي چرچ تي پاڪستان تي حملو ڪيو مجبوريءَ سخت جوابي ڪارروائي ڪرڻي پئي، افغانستان سان جائز شرطن تي ڳالهه ٻولهه لاءِ تيار آهيون. وفاقي ڪابينا جي اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته پاڪستان ۽ افغانستان جي ڊگهي گڏيل سرحد آهي، پاڪستان

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ وفد وزيراعظم سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پيپلزپارٽي اتحادي آهي جنهن سان لاڳاپن کي احترام ۽ قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا: شهباز شريف

پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ وفد وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪئي

پيپلز پارٽي جي وفد غزه امن معاهدي جي حوالي سان پاڪستان جي ڪردار تي وزيراعظم کي خراج تحسين پيش ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان پيپلزپارٽي اتحادي پارٽي آهي جنهن سان لاڳاپن کي احترام ۽ قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

صدر مملڪت جي ليفٽيننٽ ڪرنل جنيد شهيد جي رهائشگاهه آمد، سوڳوار خاندان سان تعزيت

قوم ڀارت نواز فتنه الخوارج دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ متحد آهي: صدر زرداري

شهيد جي ليفٽيننٽ ڪرنل جنيد دهشتگردن سان وڙهندي فرض شناسي ۾ مثالي جرئت ۽ قيادت جو مظاهرو ڪيو

ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ شهيدن جون قربانيون سنهري لفظن ۾ لکيون وينديون، قوم بهادر سپوتن تي فخر آهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ڪالهه خميس ڏينهن راولپنڊي ۾

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

يوڪرين جنگ ختم نه ٿي ان جو ذميوار ماسڪو کي قرار ڏينداسين: آمريڪا

برسلز (اي پي پي) آمريڪا چيو آهي ته

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پاڪستان خلاف افغان طالبان جي جارحيت تي قبائلي اڳواڻن جو پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان خلاف

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري شهيد ليفٽيننٽ ڪرنل جنيد جي وارثن سان تعزيت ڪندي

پوليو مهم جي شروعاتي ٽن ڏينهن ۾ 3 ڪروڙ 71 لک کان وڌيڪ ٻارن جي ويڪسينيشن مڪمل

پنجاب ۾ 2 ڪروڙ 10 لک ٻارن ۽ سنڌ ۾ 73 لک 74 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويا

خيبرپختونخوا ۾ 54 لک 59هزار، بلوچستان ۾ 21 لک 18 هزار ۽ اسلام آباد ۾ 2 لک 89 هزار ٻارن کي ڦڙا پياريا ويا

اسلام آباد (اي پي پي) پوليو مهم جي شروعاتي ٽن ڏينهن ۾ 3 ڪروڙ 71 لک کان وڌيڪ ٻارن جي ويڪسينيشن مڪمل ڪئي وئي آهي. قومي پوليو روڪٿام واري مهم چوٿين ڏينهن به ڀرپور انداز ۾ جاري رهي. قومي ايمرجنسي آپريشن سينٽر (اين اي او سي) طرفان جاري بيان موجب پنجاب

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار کي سعودي عرب جي پرڏيهي وزير جو فون

سعودي پرڏيهي وزير خطي ۾ امن ۽ سلامتي لاءِ پاڪستان جي عزم کي ساراهيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف پاران سهيل آفريدي کي خيبرپختونخوا جو وزيراعليٰ چونڊجڻ تي مبارڪباد

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سهيل آفريدي کي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي جديد سيٽلائيٽ خلا ۾ موڪلڻ جي تياري مڪمل

پهريون هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ 19 آڪٽوبر تي لانچ ڪيو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان خلائي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهيون: وزيراعظم

دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

پاڪستاني عوام جي حفاظت ۽ ملڪي سالميت لاءِ دهشتگردي خلاف هر ممڪن قدم کڻنداسين

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف خيبرپختونخوا جي مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي آپريشن دوران ڀارتي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڀارت روس جو تيل خريد نه ڪرڻ جو يقين ڏياريو آهي: آمريڪي صدر

هاڻي ڪوشش آهي ته چين کي به ان فيصلي تي راضي ڪيو وڃي: ڊونلڊ ٽرمپ

روس جو صدر ولاديمير پيوٽن يوڪرين تڪرار کي ختم ڪرڻ چاهي ٿو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي يقين ڏياريو آهي ته ڀارت روس

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب جي ولي عهد پاران مڪي شريف ۾ شاهه سلمان گيٽ منصوبي جو اعلان

اهو منصوبو مسجد الحرام ويجهو 12 ملين چورس ميٽرن جي ايراضي تي ٻڌل هوندو: سعودي اختياريون

بنيادي ڍانچي جي ترقي ۾ معياري تبديلي آڻي آهي ته جيئن مڪي شريف کي ترقي جو هڪ عالمي نمونو بڻائي سگهجي

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان بن عبدالعزيز آل سعود مڪي مڪرمه ۾ "ڪنگ سلمان گيٽ" منصوبي جو اعلان ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب اهو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سکر: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي جي بندرگاهن تان افغان ٽرانزٽ ٽريڊ ٽرانسپورٽ روڪڻ جا حڪم جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فيڊرل بورڊ آف ريونيو (ايف بي آر) ڪراچي بندرگاهن تان افغان ٽرانزٽ ٽريڊ جي ٽرانسپورٽ کي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

کاڌي سان لاڳاپيل ڏوهه انساني زندگي لاءِ سنگين خطرا پيدا ڪن ٿا: جاويد عالم اوڊو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صحت جي سار سنڀال ۽ فوڊ ڪرائيمز جي تحقيقات" جي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

چين پاران پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ جنگبندي جي آجيان

اهي قدم علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ معاونت ثابت ٿيندا: ترجمان

ٻئي ملڪ ڳالهين ۽ صلاح مشوري ذريعي اختلافن کي حل ڪن

بيجنگ (اي پي پي) چين چيو آهي ته هو پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ جنگبندي جي آجيان ۽ ان جي حمايت ڪري ٿو اها

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي سيڪريٽري امبرين جان پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان ملاقات ڪندي

سوات موٽر وي ٽنل ويجهو ٽريڪ جو خوفناڪ حادثو، هڪ ئي خاندان جا 15 ماڻهو فوت، 8 زخمي

اطلاع ملندي مالاڪنڊ جي ميڊيڪل ريسڪيو ٽيم ايمبولينس سان فوري طور تي حادثي واري هنڌ پهتي

ڊاڪٽرن پاران 15 ماڻهن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي، 8 زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي

پشاور (اي پي پي) سوات موٽر وي جي ٽنل نمبر 3 ويجهو پيش آيل هڪ افسوسناڪ روڊ حادثي جي نتيجي ۾ 15 ماڻهو فوت ۽ 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن فوتين ۽ زخمين ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار شامل آهن ريسڪيو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر اندران نوجوان جو ڦوهو لڳل لاش هٿ آيو، پوليس پاران جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي اورنگي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

قرآن ڪريم هدايت جو سرچشمو آهي: سردار يوسف

جيڪو ڪاميابيءَ سان گڏ منزل سان همڪنار ڪري ٿو

هي ٻار خوشنصيب آهن جن پنهنجي دلين کي قرآن ڪريم سان منور ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) مذهبي معاملن واري وفاقي وزير سردار محمد يوسف چيو آهي ته قرآن ڪريم هدايت جو اهو سرچشمو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ سرڪار پوڙهن ۽ انساني وسيلن واري کاتي جي سيڪريٽري کي هڪ مهيني جي موڪل ڏئي ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ سرڪار پوڙهن ۽ انساني وسيلن واري کاتي جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پ پ اڳواڻ آغا سراج دراني جي وفات تي سندس پونئرن سان تعزيت جو سلسلو جاري

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، حاجي علي حسن زرداري ڳڙهي ياسين پهتا

محمد علي ملڪاڻي اعجاز حسين جکراڻي، امداد پتافي ۽ ٻين ڏاڍي پهچي تعزيت ڪئي

شڪارپور/ ڳڙهي ياسين (ڊ.ر/ن ع) سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ ٻين پي پي پي اڳواڻن ڳڙهي ياسين پهچي ، آغا سراج

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

شڪارپور: پ پ جي سينيئر اڳواڻ آغا سراج دراني جي ڏيڍي تي سندس ڀاءُ آغا مسيح الدين سان سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، صوبائي وزير سعيد غني، ايم پي اي امتياز شيخ، قاسم نويد، بابل خان ڀيو ۽ ٻيا تعزيت ڪري رهيا آهن

سنڌ حڪومت ڪراچي کان سکر تائين فاسٽ ٽرين هلائڻ جي خواهش رکي ٿي: شرجيل ميمڻ

ڪچي ۾ امن امان تڏهن ئي بحال ٿي سگهندو جڏهن سنڌ پنجاب جي علائقن ۾ گڏيل آپريشن ٿيندو

سنڌ ۾ غيرقانوني افغانين جون ڪيترين ئي گرفتاريون ڪري ڪين ڊي پورٽ به ڪيو ويو آهي

اسان پرامن قوم آهيون پر پاڪستان سان ڪنهن به قسم جي ڇيڙ ڇاڙ برداشت نه ڪئي ويندي

سکر (بيورو رپورٽ) سينيئر صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته آغا سراج دراني هڪ خوش اخلاق ۽ سلو پارليامينٽيرين هو

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ عدالتي نظام کي ڪاغذ کان ڊجيٽل پليٽ فارم تي منتقل ڪري ڇڏيو

اي- ڪورٽس ويزن 2030 جو گرين ٽحت وڪيل هاڻ آن لائن ڪيس داخل ڪري سگهندا

جسٽس عدنان اقبال چوڌري تي مشتمل سنگل بينچ پهرين ڏينهن چار ڪيس جي ٻڌائي ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

لياقت علي خان جي شهادت قومي تاريخ ۾ عظيم قرباني آهي: گورنر ڪامران ٽيسوري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري پاڪستان جي پهرين

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ايران هڪ پاڙيسري اسلامي ملڪ آهي جنهن سان ڳهرا ۽ تاريخي لاڳاپا آهن: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

"پاڪستان سان واپار کوليو" افغان واپارين جو پنهنجي حڪومت خلاف احتجاج

افغانستان جو عوام پاڪستان سان حالتون خراب ڪرڻ تي طالبان حڪومت خلاف ٿي ويا

طورخم بارڊر جي بندش سان تقريبن 10 هزار جي ويجهو گاڏين جو سامان خراب ٿيڻ جو خدشو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سان واپار کوليو افغاني واپاري پنهنجي حڪومت تي ڪاوڙ ڪڍي پيا، تفصيل

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

محسن نقوي سان آمريڪا جي وقتي سفير جي ملاقات

ٻنهي وچ ۾ علائقائي امن ۽ ٻطرفي سهڪار تي ڳالهيون ڪيون ويون

پاڪستان دنيا کي دهشتگردي کان محفوظ رکڻ لاءِ ڳري قيمت ادا ڪئي آهي: گهرو وزير

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي سان آمريڪا جي وقتي سفير نيٽلي بيڪر ملاقات ڪئي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

وزيراعليٰ سهيل آفريدي جي 18 نومبر تائين حفاظتي ضمانت منظور

عدالت جو ڪنهن به داخل ڪيس ۾ سندس گرفتاريءَ کي روڪڻ جو حڪم

پشاور (اي پي پي) پشاور هاءِ ڪورٽ کي پي ڪي جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي 18 نومبر تائين حفاظتي ضمانت منظور

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسرائيل غزه ڏانهن ويندڙ وڌيڪ رستا کولي: گڏيل قومون

غزه ۾ ڦاٿل شهرين کي امداد جي فراهمي قانوني ذميواري آهي

فلسطيني، اسرائيلي ۽ سڄي خطي جو عوام امن جي قيام جو خواهشمند آهي

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي انڊر سيڪريٽري جنرل فارهيومينيٽيرين افيئرز اينڊ ايمرجنسي رليف جي ڪوآرڊينيٽر

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ هلندڙ مهيني دوران ڊينگي جا مجموعي طور 175 ڪيس رپورٽ ٿيا

صحت کاتي صوبي ۾ ڊينگي جي تصديق ٿيل ڪيسن بابت رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

صوبائي سرڪار ڊينگي جي ڦهلجڻ کي روڪڻ لاءِ مڪمل طور سرگرم آهي: ڊاڪٽر عذرا پيچوهو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صحت کاتي سنڌ سڄي صوبي ۾ ڊينگي جي تصديق ٿيل ڪيسن بابت رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ 2 لک 15 هزار 270 ماڻهن ۾ مليريا مرض جي تصديق، رپورٽ جاري

صحت کاتي پوري صوبي ۾ مليريا جي ڪيسن بابت هڪ جامع رپورٽ جاري ڪئي

سڀ کان وڌيڪ متاثر ضلعا حيدرآباد، ڄامشورو، بدين، ٺٽو، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻو آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صحت کاتي پوري صوبي ۾ مليريا جي ڪيسن بابت هڪ جامع رپورٽ جاري ڪئي آهي. جنهن مطابق هن مهيني سڄي صوبي ۾ ڪل 24 لک 16 هزار 427 ماڻهن جي رت

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نوجوان کي قتل ڪندڙ 4 ڦورن کي ماريندڙ پوليس ٽيم جي اعزاز ۾ تقريب

سينٽرل پوليس آفيس ۾ تقريب دوران آءِ جي پوليس آفيسرن ۽ جوانن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا

مارچ ويل ڊولي 10 آڪٽوبر تي نوجوان عدنان مگسي کان گاڏي ڦر ڪري کيس قتل ڪيو هو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ پوليس جي آفيسرن ۽ جوانن جي اعزاز ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب منعقد

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: 4 ڦورن کي ماريندڙ پوليس ٽيم جي اڳواڻن ۽ جوانن جو آءِ جي سنڌ ۽ ڪراچي پوليس چيف سان گڏ ورثل گروپ فوٽو



بقايا 1 صدر

زرداري هٿياربند فوج ۽ سيڪيورٽي ايجنسين کي خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردن جي خلاف ڪامياب ڪارروائين تي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته "عزم استحڪام" مهم تحت آپريشن پوري قوت سان جاري رهندي. ڪالهه خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر چيو ته اتر ۽ ڏکڻ وزيرستان ۽ بنون ۾ دهشتگردن جي خلاف ڪامياب ڪارروايون فخر جوڳيون آهن سيڪيورٽي فورسز جي وقت سر ڪارروائين سان ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام جي صورتحال بهتر ٿي آهي. هن چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين آپريشنز جاري رکيا ويندا. صدر آصف علي زرداري چيو ته رياست ڀارتي حمايت يافته فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان کي پاڙ کان پٽي ڇڏيندي "عزم استحڪام" مهم تحت آپريشن پوري قوت سان جاري رهندو. هن چيو ته قوم پنهنجي سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي ۽ هر قسم جي دهشتگردي کي پاڙ کان پٽي اڇلائيندي.

بقايا 2 وزيراعظم

محدود وسيلن باوجود افغان پناهگيرن جي ڀرپور ميزباني ڪئي 40 لک افغان ڏهاڪن کان پاڪستان ۾ رهندڙ آهن اسان پائدار رشتي کي قائم ۽ دائم رکيو آهي هن چيو ته افغان دهشتگرد اسان جي پوليس، پاڪ فوج جي جوانن ۽ عام شهرين کي شهيد ڪري رهيا آهن 2018ع ۾ دهشتگردي ختم ٿي وئي هئي پر ڪيئن دهشتگرد واپس آيا؟ 2018ع کانپوءِ واري حڪومت دهشتگردن کي واپس آڻي رهايو وزيراعظم شهباز شريف چيو ته بدقسمتي سان ڪجهه ڏينهن اڳ پاڪ فوج تي فتنه الخوارج حملو ڪيو تازن واقعن ڪانپوءِ سهڻي جو سلسلو ختم ٿي ويو آهي نائب وزيراعظم بجاءِ واري وزير ۽ ٻين عملدارن ڪيترائي ڀيرا ڪابل جو دورو ڪيو افغان اختيارين کي به اهو چيو ته اسان علائقي ۾ امن ۽ ترقي چاهيون ٿا، بدقسمتي سان سمورين ڪوششن جي باوجود افغانستان امن کي ترجيح نه ڏني ۽ اڳرائي جو رستو اختيار ڪيو هن چيو ته جنهن وقت حملو ٿيو ان وقت افغانستان جو پرڏيهي وزير دهليءَ ۾ ويٺو هو پاڪستان تي اهو حملو پارٽي چرچ تي ٿيو اسان کي مجبوريءَ ۾ ڀرپور جوابي ڪارروائي ڪرڻي پئي فيلڊ مارشل عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪ فوج منهن ٽوڙ جواب ڏنو آهي هاڻي بال افغانستان جي ڪورٽ ۾ آهي افغانستان جي درخواست تي 48 ڪلاڪن لاءِ جنگبندي ڪئي وئي، دوست ملڪ خاص طور تي قطر ان معاملي کي ٺيڪ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. وزيراعظم چيو ته جنگ بندي جوڳين شرطن تي ڏکيو به ٿي سگهي ٿي پر جيڪڏهن مهلت لاءِ اهڙو قدم کنيو ويو ته ان جي اجازت نه ڏني ويندي، افغانستان سان جائز شرطن تي ڳالهه ٻولهه لاءِ تيار آهيون. پاڪ فوج دفاع جو حق استعمال ڪندي خارجين کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو آهي غزا بابت وزيراعظم چيو ته ڪجهه ساٿين غزا جي معاملي تي سياست ڪرڻ چاهين پيا، غزا ۾ ٿيل ظلمن جي موجوده دور مثال نه ٿو ملي غزا ۾ معصوم ٻارن جو رت وهي رهيو هو تنقيد ڪندڙ ان وقت ڪٿي هئا؟

بقايا 3 شهباز شريف

پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ ملاقات ڪندڙ وفد سان ڳالهائيندي ڪيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران ڪالهه خميس ڏينهن جاري بيان موجب وفد پاڪستان پيپلزپارٽي جا اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي ميمبر راجا پرويز اشرف، سينيٽر شيري رحمان، نيئر بخاري، نديم افضل چن ۽ سيد علي قاسم گيلاني شامل هئا. وزيراعظم چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي اسان جي اتحادي پارٽي آهي جنهن سان لاڳاپن کي اسان احترام ۽ قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا. وفد غزه امن معاهدي جي حوالي سان پاڪستان جي ڪردار تي وزيراعظم کي خراج تحسين پيش ڪيو ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي ۽ سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، دفاع وارو وفاقي وزير خواجه محمد آصف، منصوبابندي وارو وفاقي وزير احسن اقبال، قومي غذائي تحفظ وارو وفاقي وزير راڻا تنوير حسين، اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ، پبلڪ افيئرز يونٽ وارو وفاقي وزير راڻا مبشر اقبال، وزيراعظم جو سياسي معاملن وارو صلاحڪار راڻا ثناءُ الله ۽ پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر ملڪ احمد خان پڻ موجود هئا.

بقايا 4 تعزيت

ليفٽيننٽ ڪرنل جنيد شهيد جي رهائشگاهه تي ويجهي سوڳوار خاندان سان تعزيت ڪئي ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر شهيد جي گهروارن سان تعزيت جو اظهار ڪندي شهيد جي درجن جي بلنديءَ ۽ پوئين کي اهو ناقابل تلافي نقصان صبر ۽ حوصلي سان برداشت ڪرڻ جي لاءِ دعا ڪئي. صدر آصف علي زرداري ليفٽيننٽ ڪرنل جنيد شهيد کي شاندار لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته هن ڀارت جي حمايت يافته خوارج دهشتگردن سان وڙهندي فرض شناسي ۾ مثالي جرئت ۽ قيادت جو مظاهرو ڪيو هن چيو ته پوري پاڪستاني قوم ڀارت نواز فتنه الخوارج دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائڻ جي لاءِ متحد آهي صدر آصف علي زرداري چيو ته قوم کي پنهنجي بهادر فرزندن تي بي پناهه فخر آهي جن ملڪ جي دفاع ۽ سلامتي جي لاءِ بي پناهه قربانيون ڏنيون. قوم پنهنجي بهادر فرزندن جي قربانين کي ڪڏهن به نه وساريندي هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان جي شهيدن جي قربانين کي ملڪي تاريخ ۾ سدائين ياد رکيو ويندو ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ شهيدن جون قربانيون سنهري لفظن ۾ لکيون وينديون. صدر دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام جي لاءِ ڪوششون جاري رکڻ جي قوم جي عزم جو پڻ ورجاءُ ڪيو. وفاقي گهرو وزير سيد محسن نقوي پڻ صدر سان گڏ هو.

بقايا 5 آمريڪا

جيڪڏهن يوڪرين جنگ ختم نه ٿي ته اسان پنهنجي اتحادين سان گڏجي ان جو ذميوار ماسڪو کي قرار ڏينداسين ميڊيا رپورٽن موجب اها ڳالهه آمريڪا جي دفاع واري وزير پيٽ هيگزيٿ نيٽو هيڊ ڪوارٽر ۾ يوڪرين دفاعي رابطا گروپ جي اجلاس دوران چئي هن روس کي واضح پيغام ڏنو ته جيڪڏهن يوڪرين جنگ ختم نه ٿي ته اسان پنهنجي اتحادين سان گڏجي ان جو ذميوار ماسڪو کي قرار ڏينداسين. هن زور ڀريو ته هاڻي وقت آهي ته ان جنگ کي ختم ۽ بي مقصد رتو ڇاڻ روڪي امن ڳالهين جي ميز تي اچڻ گهرجي. سندس چوڻ هو ته اها جنگ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي حڪومتي دور ۾ شروع نه ٿي هئي جڏهن ته ختم هن دور ۾ ٿي ويندي. آمريڪا جي دفاع واري وزير نيٽو اتحادين تي زور ڀريو ته هو يوڪرين لاءِ آمريڪي هٿيارن جي خريداري ۾ سيڙپڪاري وڌائين.

بقايا 6 اظهار

افغان طالبان جي جارحيت خلاف موثر ڀرپور رد عمل ڏيڻ تي ڪاڪڙ قبيلي پاڪ فوج سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو آهي تفصيل موجب پاڪ فوج سان ڀرپور يڪجهتي جو اظهار ڪندي بلوچستان جي علائقي چمن جي ڪاڪڙ قبيلي جا اڳواڻ پاڪ فوج سان گڏ آهن اڳواڻن چيو ته ڪو به اسان جي ملڪ ڏانهن ميري اک سان نه ڏسي، اسان پاڪ فوج ۽ ايف سي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهيون اسان کي ان جنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ حڪومت کان اجازت گهربل آهي پاڪستان لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ اسان تيار آهيون هي ملڪ، هي وطن ۽ هي مٽي اسان جي ماءُ وانگر آهي ڪاڪڙ قبيلي جي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ڪور ڪمانڊر ۽ آءِ جي ايف سي کي درخواست آهي ته اسان کي اجازت ڏين اسان مڪمل طور تي الرٽ ۽ تيار آهيون اسان حڪمرانن جي هڪ اشاري جا منتظر آهيون

بقايا 7 فوت

1122 سالاڪنڊ جي ترجمان موجب حادثي جو اطلاع ملندي ئي ريسڪيو 1122 سالاڪنڊ جي ميڊيڪل ريسپانس ٽيم ايمبولينس سان فوري طور تي حادثي واري هنڌ پهتي، حادثي واري هنڌ تي موٽر وي پوليس ۽ عملو به موجود هو جن امدادي سرگرمين ۾ حصو ورتو گڏيل ڪارروائي دوران موٽر وي پوليس ۽ عملي ڪجهه زخمين ۽ لاشن کي پنهنجي گاڏين ذريعي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال بٽخيلا منتقل ڪيو جڏهن ته ريسڪيو 1122 جي ٽيمن باقي متاثر ماڻهن کي به ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو اسپتال پهچڻ تي ڊاڪٽرن 15 ماڻهن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي جڏهن ته 8 زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي جن مان چئن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي، جن کي سوات ريفر ڪيو ويو آهي. حادثي جو شڪار ٿيل لاڏائو قبيلي جا ماڻهو هئا جيڪي مختلف علائقن ۾ موسمي طور تي لڏپلاڻ ڪندا رهندا هئا.

بقايا 8 جاچ شروع

ڪاڻون جي توحيد ڪالوني جي سيڪٽر 11 ۾ هڪ گهر مان نوجوان جو ڦاهو لڳل لاش هٿ آيو آهي. ڇيپا جا رضاڪار ڪيس قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ريسڪيو عملدارن چيو ته فوتي جي سڃاڻپ 23 سالن جي نعمان جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته شروعاتي طور تي خاندان چئي رهيو آهي ته واقعو خودڪشي آهي بهرحال پوليس خاندان کان واقعي بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪري رهي آهي.

بقايا 9 موڪل

سيڪريٽري کي مهيني جي موڪل ڏني ڇڏي 21 گريڊ جو ڪاموررو محمد رفيق قريشي 30 ڏينهن جي موڪل تي آمريڪا ويندو خانگي دوري تي وڃڻ لاءِ سيڪريٽري کي مشروط موڪل ڏني وئي جيڪڏهن مٿس ڪيس يا عدالتي ڪارروائي جو سلسلو هلندڙ هوندو ته موڪل رد ٿيندي محمد رفيق قريشي جو نالو ايگزيڪٽ ڪنٽرول لسٽ ۾ شامل هجڻ تي به پرڏيهه وڃي نه سگهندو سيڪريٽري پورهيو جي موڪل اڄ 16 تاريخ کان منظوري هوندي

بقايا 10 سردار يوسف

آهي جيڪو ڪاميابيءَ سان گڏ منزل سان همڪنار ڪري ٿي قرآن ۽ سنت کان رهنمائي وٺڻ سان ئي اسان پنهنجي معاشري کي اسلامي اصولن موجب اختيار ڪري سگهجي ٿي هر ڪلمي پڙهندڙ تي لازم آهي ته هو قرآن ڪريم جو علم حاصل ڪري ۽ ان تي عمل ڪري هو ڪالهه وزارت جي انتظام هيٺ 40هين حفظ ۽ قرائت قرآن ڪريم بابت ساليانې مقابلي جي سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو وفاقي وزير مقابلي ۾ انعام ۽ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪندڙن کي مبارڪون پيش ڪيون ۽ چيو ته الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ته "اوهان سان سڀ کان بهترين اهي ماڻهو آهن جيڪي قرآن جو علم حاصل ڪن ۽ ٻين کي ان جي تعليم ڏين"

بقايا 11 سلسلو جاري

دراني جي وفات تي سندس پونئرن سان تعزيت ڪئي سينيئر صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز ۽ جيل خانه جات حاجي علي حسن زرداري، صوبائي وزير لائي اسلم، محمد علي ملڪاڻي، ايم اين اي اعجاز حسين جکراڻي، ۽ ايم پي ايز امداد پتافي ايم اين اي مير خان محمد خان جمالي، اڳوڻو ايم اين اي غوث بخش خان مهر سردار خان چانڊيو بزرگان خان چانڊيو، سراج قاسم سومرو، صوبائي صلاحڪار مير بابل خان ڀيو ڪوٽ دراني ڳوٺ ياسين پهچي مرحوم آغا سراج خان دراني جي وارثن آغا مابع الدين دراني آغا شهباز خان دراني ۽ ٻين وارثن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي، سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته آغا سراج دراني پاڪستان پيپلز پارٽي لاءِ هڪ عظيم سرمايو هئا، جن زندگي جي آخري ڏينهن تائين پارٽي سان وفاداري ۽ وابستگي برقرار رکي "انهن جي پارٽي لاءِ قرباني هميشه ياد رکي ويندي" سندس وڇوڙو ناقابل برداشت نقصان آهي پر سنڌ ۽ پاڪستان جي سياست لاءِ به وڏو خسارو آهي." هن چيو ته آغا سراج دراني دشوارين ۽ قيد و بند جي تڪليفن کي همت سان منهن ڏنو پر پنهنجي اصول پسند موقف تي ڪڏهن به سمجهوتو نه ڪيو "سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر طور هن دور ۾ هن شاندار ڪردار ادا ڪيو ۽ قيادت سان مخلص رهيو غير قانوني آبادڪاري جي سلسلي ۾ سوال تي، سينيئر وزير چيو ته پاڪستان جي سمورن علائقن سميت سنڌ ۾ به غير قانوني آبادڪاري خلاف ڪارروائي جاري آهي گڏيل عمران خان حڪومت دوران سياسي انتقام بابت ڳالهائيندي، هن چيو ته عمران خان جي دور ۾ سياسي اڳواڻن تي ڪيس داخل ڪيا ويا جن ۾ آغا سراج دراني به شامل هئا، ۽ انهن کي سياسي انتقام جو نشانو بڻايو ويو "پي پي پي اڳواڻ هميشه عدالتن ذريعي قانوني جدوجهد ڪئي ۽ آئيني طريقن سان انصاف طلب ڪيو ترقياتي منصوبن بابت سوال تي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت عالمي معيار جي ترقياتي اسڪيمون تعمير ڪري رهي آهي "اسان جي مقابلي جو دائرو دنيا سان آهي اسان خيرپور ۾ هڪ عالمي معياري اقتصادي زون قائم ڪيو آهي ۽ ٻوڏ متاثر ماڻهن لاءِ ٻه ملين کان وڌيڪ گهر تعمير ڪيا آهن جيڪي بين الاقوامي سطح تي ساراهيا ويا آهن. خودانهن سياڻي اڄ جمعي ڏينهن ڪوٽ دراني ۾ آغا سراج خان دراني جو ٽيجهي واري رسم ادا ڪئي ويندي ٻئي طرف آغا سراج خان دراني جي لاڏاڻي تي وارثن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ

بقايا 12 تقريب

ڪئي وئي جن گڏيل ڪچهري ڏينهن ۾ ڪراچي ۾ گاڏي ڦر ڪري هڪ نوجوان کي قتل ڪندڙ 4 ڌاڙيلن کي انجام تي پهچايو آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي جي محمد علي شاهه آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪيل تقريب ۾ مهمان خاص طور شرڪت ڪئي تقريب ۾ ايڊيشنل آءِ جين ڪراچي، ويلفيئر اينڊ فنانس ٽريننگ، آپريشن، انويسٽيگيشن سنڌ، ڊي آءِ جين هيڊ ڪوارٽرز ٽريننگ، ٽي اينڊ ٽي آءِ جي ايسٽ، حيدرآباد، اي آءِ جين آفيسرن ۽ جوانن کان علاوه شرڪت ڪئي. 10 آڪٽوبر تي 4 هٿياربند هڪ نوجوان عدنان مگسي کان گاڏي کسي کيس قتل ڪري ڇڏيو ۽ ڪراچي جي اوڀر ضلعي جي سچل پوليس اسٽيشن جي حدن مان فرار ٿي ويا. تعاقب دوران چار هٿياربند ملزمان جو ايم-9 موٽر وي جامشورو ويجهو ايسٽ، حيدرآباد ۽ جامشورو پوليس سان مقابلو ٿيو مقابلي جي نتيجي ۾، چار ڦورو موقعي تي مارجي ويا جڏهن ته چوري ٿيل گاڏيون هٿ ڪيون ويون آءِ جي سنڌ پاران لاڳاپيل آفيسرن ۽ اهلڪارن کي بروقت جواب ڏيڻ ۽ ڪامياب آپريشن لاءِ نقد انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو تقريب کي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايسٽ پڻ خطاب ڪيو ڊي آءِ جي حيدرآباد خطاب ڪندي چيو ته هن آپريشن جي ڪاميابي آءِ جي سنڌ جو لڳن آهي هي آپريشن جديد ٽيڪنالاجي جي ڪري ممڪن ٿيو مارجي ويل ٽولي جا ڪارڪن ڌاڙهاري هئا ۽ مختلف واقعن ۾ ملوث هئا هي آپريشن معلومات جي بروقت منتقلي ۽ بهترين ڪوآرڊينيشن جو نتيجو هو هن آپريشن ۾ بهترين رابطي جو ڪردار آفيسرن ۽ جوانن جو ڪردار هو جنهن جي ڪري هي ڪاميابي حاصل ٿي آءِ جي سنڌ تقريب ۾ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايسٽ ڪراچي، ايس ايس پي حيدرآباد، ايسٽ، جامشورو ۽ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ نقد انعام ڏنا.

بقايا 13 رپورٽ جاري

جي نمونن جي جانچ ڪئي وئي، جن مان 2 لک 15 هزار 270 ماڻهن ۾ مليريا جي تصديق ٿي رپورٽ موجب، هڪ لک 81 هزار 362 ڪيس پلازموڊيم ويوڪس جا، 31 هزار 319 پلازموڊيم فالسيپيرم جا ۽ 2 هزار 589 مڪس انفيڪشن جا آهن سنڌ جي صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو جو چوڻ آهي ته سنڌ حڪومت مليريا جي خاتمي لاءِ سڀ وسيلا استعمال ڪري رهي آهي، سٺي خبر اها آهي ته هن سال ڪا به موت رپورٽ نه ٿي آهي جڏهن ته دماغي مليريا سبب صرف ٽي مريض اسپتالن ۾ داخل ٿيا، جن کي مڪمل علاج فراهم ڪيو ويو تفصيل فراهم ڪندي ڊاڪٽر عذرا پيچوهو چيو ته سنڌ جا سڀ کان وڌيڪ متاثر ضلعا حيدرآباد، جامشورو، بدين، ٺٽو، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻو شامل آهن.

بقايا 14 ڪيس رپورٽ

آهي جنهن موجب هن مهيني سنڌ ۾ ڊينگي جا مجموعي طور 175 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن جڏهن ته سال 2025 جي شروعات کان اڄ تائين ڪيسن جو انگ وڌي 819 تائين پهچي ويو آهي. انهن ڪيسن مان هڪ موت پڻ رپورٽ ٿي آهي. صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو آهي ته ڪراچي ڊويزن هن وقت سڀ کان وڌيڪ متاثر آهي، جتي اڃا تائين 85 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن حيدرآباد ڊويزن ۾ 48، ميرپورخاص ۾ 37، ۽ سکر ۾ 5 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. ڊاڪٽر عذرا پيچوهو صورتحال تي ڳڻي تشويش ظاهر ڪندي چيو ته سنڌ سرڪار ڊينگي جي پکڙجڻ کي روڪڻ لاءِ مڪمل طور سرگرم آهي. ڪراچي سميت سمورن ڊويزنن ۾ ڊينگي خلاف مهم وڌيڪ تيز ڪري ڇڏي وئي آهي. اسپري ۽ فاڳنگ جو عمل روزاني بنيادن تي جاري آهي ۽ اسپتالن ۾ مريضن جي علاج لاءِ خاص هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. ڊاڪٽر عذرا پيچوهو عوام کي اپيل ڪئي آهي ته ڊينگي هڪ قابل روڪ بيماري آهي، گهرن ۾ پاڻي بيهڻ نه ڏيو ته وبا تي آساني سان ضابطو آڻي سگهجي ٿو. صحت کاتي جون ٽيمون روزاني بنيادن تي ضلعن ۾ ڊينگي جي مشڪوڪ ۽ تصديق ٿيل ڪيسن جي نگراني ڪري رهيون آهن ۽ ضلعي انتظاميا سان گڏجي فوري قدم کنيا پيا وڃن.

بقايا 15 گڏيل قومون

ڪار فليجي اسرائيل تي زور ڀريو آهي ته هو غزه ۾ ڦاٿل فلسطينين لاءِ انساني امداد جي رسد کي وڌائڻ لاءِ وڌيڪ سرحدي رستا کولي. هن چيو ته شهرين کي امداد جي فراهمي ڪا سياسي مفاهمت ناهي پر هڪ "قانوني ذميواري" آهي هن هڪ بيان ۾ چيو ته شرم الشيخ ۾ عالمي اڳواڻن طرفان آمريڪا جي قيادت ۾ امن منصوبي جي توثيق جي صرف ٻن ڏينهن ڪانپوءِ اهو هڪ نازڪ پر اميد افزا لمحو آهي. هن چيو ته فلسطيني اسرائيلي ۽ سڄي خطي جو عوام امن جي قيام جو خواهشمند آهي. ان لاءِ معاهدن تي مڪمل عملدرآمد ضروري آهي. هن جو چوڻ هو ته گڏيل قومن جي امدادي سرگرمين ۾ هاڻي ڪيترن مهينن جي رڪاوٽن ڪانپوءِ ڪجهه اڳڀرائي ٿي رهي آهي ۽ غذائي سامان، دوائن، ٻارڻ، پاڻي گئس ۽ خيما محدود پيماني تي متاثر ماڻهن تائين پهچڻ لڳا آهن پر اهو عمل هاڻي به ناڪافي آهي ۽ نئين رڪاوٽن ان نازڪ اڳڀرائي کي خطري ۾ وجهي رهيون آهن. هن اسرائيل کان مطالبو ڪيو ته هو امدادي ٽرڪن جي "هزارن جي انگ" ۾ رسائي کي يقيني بڻائي. هن چيو ته اضافي سرحدي رستا کولڻ ۽ باقي رڪاوٽون ختم ڪرڻ زندگي بچائڻ لاءِ اهم آهن. هن واضح ڪيو ته امداد جي فراهمي هڪ قانوني فرض آهي ۽ اسان پنهنجي امدادي سرگرمين ۾ ڪا مداخلت ڪي قبول نه ڪنداسين

بقايا 16 ضمانت منظور

ڪري ورتي آهي ۽ ڪنهن به داخل ڪيس ۾ سندس گرفتاريءَ کي روڪڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. جسٽس اعجاز انور ۽ جسٽس نعيم انور تي ٻڌل بينچ اهو فيصلو سهيل آفريدي طرفان ڪيسن جا تفصيل حاصل ڪرڻ لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻيءَ دوران ڪيو عدالت حڪومت کي هدايت ڪئي ته هو وڏي وزير خلاف سمورن داخل ڪيسن جا مڪمل تفصيل عدالت ۾ پيش ڪري ٻڌڻيءَ دوران جسٽس اعجاز انور پڇاڻو ڪيو ته وڏو وزير ڪنهن ايف آءِ آر ۾ گهربل آهي؟ جنهن تي ايڊووڪيٽ جنرل جواب ڏنو ته اسان کي پاڻ به معلوم ناهي ايڊووڪيٽ جنرل عدالت کي آگاهه ڪيو ته وڏو وزير سهيل آفريدي جلد ئي پي ٽي آءِ باني سان اڊيالا جيل ۾ ملاقات ڪرڻ وارو آهي. ايڊووڪيٽ جنرل عدالت کي آگاهه ڪيو ته وڏو وزير جلد ئي پي ٽي آءِ باني سان ملاقات ڪرڻ وارو آهي تنهنڪري سندس گرفتاري روڪڻ جو حڪم اثر آهي عدالت آئينده ٻڌڻي تائين سهيل آفريدي کي گرفتار نه ڪرڻ جي هدايت جاري ڪندي چيو آهي ته قانوني گهرجن کي نظر ۾ رکندي سمورو رڪارڊ عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي

بقايا 17 ملاقات

جنهن ۾ پاڪ - آمريڪا لاڳاپن، علائقائي امن ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي گهرو وزارت جي ترجمان مطابق گهرو وزير غزه امن معاهدي تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي مخلصاڻي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته رچ اوير ۾ پائيدار امن جو ڪريڊٽ صدر ٽرمپ ڏانهن وڃي ٿو هن چيو ته پاڪستان دنيا کي دهشتگردي کان محفوظ رکڻ لاءِ گهري قيمت ادا ڪئي آهي

بقايا 18 احتجاج

موجب افغانستان جو عوام پاڪستان سان تازين حالتن خراب ڪرڻ تي پنهنجي طالبان حڪومت خلاف ٿي بيٺا چار ڏينهن ۾ ٿي واپاري گذرگاهون بند ٿيڻ تي افغانين ان کي کولڻ جون درخواستون شروع ڪري ڇڏيون آهن افغان واپارين چيو ته طورخم بارڊر تي ڪجهه ڏينهن حالتون ٺيڪ ناهن. ٻنهي طرفان بارڊر بند آهي طورخم بارڊر جي بندش سان وڏيڪ نقصان افغانستان جي عوام جو ٿي رهيو آهي. طورخم بارڊر جي بندش سان تقريبن 10 هزار جي ويجهو گاڏين جو سامان خراب ٿيڻ جو خدشو آهي. افغان واپارين چيو آهي ته اسان پاڪستان کان مطالبو ڪريون ٿا ته پاڙيسري حقن جي ناتي طورخم بارڊر کي کولي ڇڏين

بقايا 19 اجيان

ڳالهه چين جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان لين جيان ڪالهه معمول واري بريفنگ دوران چئي. هن چيو ته چين ٻنهي ملڪن وچ ۾ عارضي جنگبندي جي فيصلي کي نوٽ ڪيو آهي ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ تعميري ڳالهين ذريعي مسئلن جي حل جي ڪوشش جي آجيان ڪري ٿو هن چيو ته اهي قدم ٻنهي ڌرين جي گڏيل مفادن ۾ آهن ۽ علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ معاونت ثابت ٿيندا. هن چيو ته پاڪستان ۽ افغانستان ٻئي چين جا دوست ۽ ويجها پاڙيسري ملڪ آهن چين ٻنهي تي زور ڀريو آهي ته هو برداشت ۽ بردباري جو مظاهرو ڪن مڪمل ۽ پائيدار جنگبندي طرف وڌن، ڳالهين ۽ صلاح مشوري ذريعي اختلافن کي حل ڪن ۽ سياسي مفاهمت جي رستي تي واپس اچن ته جيئن ۽ پوري خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 20 آمريڪي صدر

ڪان تيل جي خريداري بند ڪري ڇڏيندو پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي صدر جو چوڻ هيو ته هاڻي سندس ڪوشش آهي ته چين کي به ان فيصلي تي راضي ڪيو وڃي وائيٽ هائوس ۾ هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو ته مودي مونکي يقين ڏياريو آهي ته هو روس کان تيل خريد نه ڪندو اهو هڪ وڏو قدم آهي هاڻي مونکي چين کي به ان طرف آڻڻو پوندو هن وڌيڪ چيو ته روس جو صدر ولاديمير پيوٽن يوڪرين تڪرار کي ختم ڪرڻ چاهي ٿو. منهنجو خيال آهي ته روس کي ان معاملي کي ختم ڪرڻ گهرجي هن وڌيڪ چيو ته روس جي تيل جي خريداري جو مڪمل خاتمو فوري طور تي ممڪن ناهي پر عمل جي شروعات ٿي چڪي آهي ۽ اهو جلد ممڪن ٿي ويندو. ان ۾ ٿورو وقت لڳندو پر اهو عمل جلد مڪمل ٿي ويندو ٽرمپ اشارو ڏنو ته يوڪرين جنگ جي خاتمي ڪان پوءِ ڀارت ڀيهر روس ڪان تيل خريد ڪري سگهي ٿو جڏهن جنگ ختم ٿي ويندي تڏهن هو واپس روس طرف وڃي سگهن ٿا.

بقايا 21 وزيراعظم

حمايت يافته فتنه الخوارج جي ڪيترن ئي دهشتگردن جي مارجڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز پنهنجي پيشيوارانه مهارت سان دهشتگردن جي ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران ڪالهه خميس ڏينهن جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته اسپين وام ڏکڻ وزيرستان ۽ بنون ۾ سيڪيورٽي فورسز 34 ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن کي جهنم پهچائي ڪري پنهنجي پيشيوارانه مهارت جو ثبوت ڏنو ۽ دهشتگردن جي ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو وزيراعظم چيو ته پاڪستاني عوام جي حفاظت ۽ ملڪي سالميت جي لاءِ دهشتگردي جي خلاف هر ممڪن قدم کنيا ويندا. هن چيو ته ملڪ مان دهشتگردي جي لعنت جي مڪمل خاتمي تائين دهشتگردي جي خاتمي واري مهم مڪمل تحرڪ سان جاري رهندي پاڪستان ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي لاءِ پرعزم آهي

بقايا 22 ماري ڇڏيو

يافته فتنه الخوارج سان تعلق رکندڙ 34 خوارجي ماريا ويا. خوارجين جي موجودگي جي اطلاع تي سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ضلعي جي علائقي اسپين وام ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو آپريشن دوران خوارجين جي ٺڪاڻن جو موثر طريقي سان گهيراءُ ڪيو ويو ۽ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ڪان پوءِ 18 خوارجين کي جهنم پهچايو ويو هڪ ٻيو انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڏکڻ وزيرستان ۾ ڪيو ويو ۽ ان جي نتيجي ۾ 8 خوارجين کي ماريو ويو بنون ضلعي ۾ ٽئين معرڪي ۾ سيڪيورٽي فورسز وڌيڪ 8 خوارجين کي ماري ڇڏيو علائقي ۾ ڪنهن به ٻي هندستاني حمايت يافته خارجين کي ختم ڪرڻ لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشنز ڪيا پيا وڃن. آءِ ايس پي آر چيو آهي ته پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان وفاقي ايپيڪس ڪميٽي طرفان منظور ٿيل نيشنل ايڪشن پلان ۽ ويژن "عزم استحڪام" تحت دهشتگردي جي خاتمي واري مهم جاري آهي.

بقايا 23 گهرو وزير

پنهنجي بيان ۾ گهرو وزير چيو ته اسان جي دلير پڪن وقت سر اثرائتي ڪارروايون ڪري دشمن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو هن وڌيڪ چيو ته 34 خوارجين کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو سيڪيورٽي فورسز جا بهادر آفيسر ۽ جوان اسان جو فخر آهن گهرو وزير چيو ته قوم کي پي ڪي ۾ امن جي قيام لاءِ فورسز جي قربانين کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي. پاڪستان جي پيشيوراڻي سيڪيورٽي فورسز نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن ۽ ملڪ جي ڪنڊ ڪنڊ مان دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 24 آمريڪي صدر

سال جو امن جو نوبل انعام ڪيس ڏنو ويندو پرڏيهي خبررسان ادارن مطابق هن اها ڳالهه مسڪرائيندي مذاق واري انداز ۾ وائيٽ هائوس ۾ هڪ آجيائي دوران چئي پر سندس دعويٰ هئي ته سندس قيادت ۾ ڪيترائي وڏا عالمي تڪرار ختم ٿي ويا آهن. آمريڪي صدر چيو ته منهنجي خيال ۾ ڪو به آمريڪي صدر هڪ به جنگ ناهي روڪرائي سگهيو پر مان 8 جنگيون روڪرائي ڇڏيون. هن وڌيڪ چيو ته مان اهڙو ڪجهه ڪيو جيڪو ناقابل يقين آهي مان پر اميد آهيان ته ڪا ڳالهه ناهي مون کي لڳي ٿو ته ايندڙ سال بهتر هوندو آمريڪي صدر اها به دعويٰ ڪئي ته سندس قدمن سبب "شايد ڪروڙين حياتيون بچي ويون آهن واضح رهي ته هلندڙ سال جو امن جو نوبل انعام وينزويلا جي اپوزيشن اڳواڻ ۽ اڳوڻي پارليامينٽ ميمبر ماريا ڪورينا چادورگي ڏنو ويو جنهن کي جمهوري حقن لاءِ جدوجهد ۽ آمريت کان جمهوريت طرف امن منتقلي جي ڪوشش جي اعتراف ۾ چونڊيو ويو آهي.

بقايا 25 افسوس جو اظهار

فيصل ڪريم ڪنڊي مالاڪنڊ سوات موٽر وي جي ٽنل نمبر 3 ويجهو پيش آيل افسوسناڪ روڊ حادثي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. حادثي جي نتيجي ۾ 15 ماڻهو فوت ۽ 8 زخمي ٿي پيا. فوتين ۽ زخمين ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار شامل آهن گورنر هائوس مان جاري پريس رليز موجب خيبرپختونخوا جي گورنر لاڳاپيل ادارن کي زخمين کي هر ممڪن طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. گورنر ڏکوئيل ڪٽنبن سان ڏک جو اظهار ڪندي فوتين جي مغفرت ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي.

بقايا 26 مڪمل

۾ 2 ڪروڙ 10 لک ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا ويا، سنڌ ۾ 73 لک 74 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا ويا، خيبرپختونخوا ۾ 54 لک 59هزار ٻارن، بلوچستان ۾ 21 لک 18 هزار ٻارن، اسلام آباد ۾ 2 لک 89 هزار ٻارن، گلگت بلتستان ۾ 2 لک 71 هزار ٻارن ۽ آزاد ڪشمير ۾ 6 لک 99 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياريا ويا. پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ گڏيل ۽ مسلسل ڪوششون جاري آهن هلندڙ هفتي جي مهم ۾ 4 ڪروڙ 50 لک کان وڌيڪ ٻارن جو هدف بڻايو ويو ويو ۽ پوليو مهم 19 آڪٽوبر تائين بنا رنڊڪ جاري رهندي. ڏکڻ خيبرپختونخوا ۾ اها مهم 20 آڪٽوبر کان منعقد ڪئي ويندي

بقايا 27 فون

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار کي سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان علائقائي صورتحال ۽ ٻاڌي اڳڀرائي جي حوالي سان ڪالهه خميس ڏينهن ٽيليفون ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب سعودي عرب جي پرڏيهي وزير خطي ۾ امن ۽ سلامتي جي لاءِ پاڪستان جي عزم کي ساراهيندي استحڪام جي لاءِ گڏيل ڪوششن جي اهميت تي زور ڏنو نائب وزيراعظم سعودي عرب جي مسلسل حمايت تي ٿورا مڃيا ۽ علائقائي ۽ عالمي مسئلن تي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ سعودي عرب سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 28 تياري مڪمل

ميدان ۾ هڪ بيو انقلابي قدم کڻندي جديد سيٽلائيٽ خلا ۾ موڪلڻ جي تياري مڪمل ڪري ورتي آهي، جڏهن ته پاڪستان جو پهريون هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ 19 آڪٽوبر تي لانچ ڪيو ويندو تفصيل موجب هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ معدني وسيلن جي ڳولا ۽ زراعت جي ترقي ۾ نيون راهون کوليندو هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ ماحولياتي تحقيق ۽ پاڻي جي ذخيرن جي بهتر استعمال ۾ به مددگار ثابت ٿيندو پاڪستان جو پهريون هائپر اسپيڪٽرل سيٽلائيٽ زمين جي هيٺان لڪيل خزانن جي ڳولا ۾ به مدد فراهم ڪندو جديد صلاحيتون رکندڙ سيٽلائيٽ پاڪستان جي بهتر مستقبل جي تعمير ۾ مثبت اڳڀرائي آهي اها ٽيڪنالاجي پاليسي سازن ۽ محققن کي وقت سر ۽ ثبوتن تي ٻڌل فيصلا ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي پاڪستان جو خلائي پروگرام ٽيڪنالاجي ۾ خودمختياري طرف هڪ وڏو قدم آهي

بقايا 29 مبارڪباد

خيبرپختونخواهه جو وڏو وزير چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني آهي ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي جو ٽيليفون تي رابطو ٿيو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف سهيل آفريدي کي وڏو وزير چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني هن چيو ته پاڪستان جي مفاد ۾ وفاق توهان سان گڏجي هلڻ لاءِ تيار آهي

بقايا 30 اعلان

منصوبو مسجد الحرام ويجهو 12 ملين چورس ميٽرن جي ايراضي تي ٻڌل هوندو منصوبي جو مقصد مڪي شريف خاص ڪري مرڪزي علائقي جي بنيادي ڍانچي جي ترقي ۾ معياري تبديلي آڻڻ آهي ته جيئن مڪي شريف کي ترقي جو هڪ عالمي نمونو بڻائي سگهجي اهو منصوبو خطي جي ترقي، زائرين جي آمد و رفت ۾ سهولت ۽ حرمين لاءِ اعليٰ معيار جون خدمتون فراهم ڪرڻ جي قومي ڪوشش جي هڪ ڪڙي هوندو

بقايا 31 حڪم جاري

روڪڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن. ڪسٽمز هائوس ڪراچي ۾ ڊائريڪٽوريٽ آف ٽرانزٽ ٽريڊ هيڊ ڪوارٽر ۾ ڊي جي افغان ٽرانزٽ ٽريڊ جي صدارت هيٺ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ڊائريڪٽر افغان ٽرانزٽ ڪوئيٽا ۽ پشاور زوم ذريعي شرڪت ڪئي. اجلاس کان پوءِ ڪسٽمز جنرل آرڊر نمبر 98/2025 جاري ڪيو ويو جنهن موجب افغان ٽرانزٽ ٽريڊ جي ٽرانسپورٽ کي غيرمعينه مدي تائين معطل ڪيو ويو آهي.

بقايا 32 جاويد عالم اوڍو

موضوع تي هڪ ڏينهن جي گڏيل آگاهي ٽريننگ ورڪشاپ سنڌ پوليس ميوزيم آڊيٽوريم پوليس هيڊ ڪوارٽر گارڊن ڪراچي ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ورڪشاپ ۾ ڊي آءِ جي انويسٽيگيشن ڪراچي ريجن شوڪت علي کٽياڻ، مراد سوني (چيف سي پي ڪي)، ڊاڪٽر احسن قوي صديقي (چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن)، نذير حسين ڪلهوڙو (ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ ايس آءِ اي ايڇ)، نور محمد ڪلمتي (ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج/فيڪلٽي ميمبر سنڌ جوڊيشل اڪيڊمي)، ڊاڪٽر عبدالرسول شيخ (ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڊي آر اي پي)، پروفيسر ڊاڪٽر توانسر بيگ (سيڪريٽري سنڌ فارما ڪائونسل)، احمد علي شيخ (ڊائريڪٽر ٽيڪنيڪل سنڌ فوڊ اٿارٽي)، عاطف اقبال (چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر)، زاهد حميد، عامر چوڪياڻي ۽ حنيف گوهر (گورننگ باڊي ميمبر پي ايس آءِ جي) شرڪت ڪئي ورڪشاپ ۾ صحت ۽ خوراڪ سان لاڳاپيل ڏوهن جي نوعيت، انهن جي جاچ جا جديد طريقا، ۽ عوامي صحت جي حفاظت ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪردار تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو

بقايا 33 شرجيل ميمڻ

۽ سنڌ اسيمبليءَ جو بئلنس اسپيڪر رهيو اسپيڪر طور سندس خدمتون شاندار هيون هي لمحو سندن لواحقين لاءِ انتهائي ڏکئي گهڙي آهي الله پاڪ مرحوم کي مغفرت عطا فرمائي بيگم نصرت ڀٽو ايئرپورٽ سکر تي ميڊيا سان خطاب دوران سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ٻڌايو ته نوابشاهه ۾ پي ايم ايل اين جي هڪ اعليٰ سطحي وفد ۽ صدر آصف علي زرداري جي وچ ۾ ملاقات ٿي هئي ملاقات ڪان پوءِ ٻنهي پاسيءَ جي بيانن ۾ نرمي اچي چڪي آهي هن چيو ته ڪچي ۾ امن امان تڏهن ٿي بحال ٿي سگهندو جڏهن سنڌ پنهنجو ۽ پنجاب پنهنجو ڪچو وارو علائقو گڏيل آپريشن ذريعي ڪنٽرول ڪندا چيو ته گڏيل آپريشن جي صورت ۾ جرم پيشه ماڻهن کي لڪڻ جي جاءِ نه ملندي گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي ۽ اسان جي ڪوشش آهي ته پنجاب حڪومت به گڏجي آپريشن ڪري سنڌ حڪومت هڪ قدم کنيو آهي ته جيڪو ڌاڙيل رضاڪاراڻي طور تي سرينڊر ڪندو ان سان الڳ نموني نمٽيو ويندو بهتر اهو آهي ته ڌاڙيل پاڻ رضاڪاراڻي سرينڊر ڪن ته جيئن ڪنهن پوليس مقابلي ۾ جان جو نقصان نه ٿئي سنڌ جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ حڪومت جي ترجيح آهي

بقايا 34 منتقل

ڪورٽس ويزن 2030 گو گرين تحت عدالتي نظام کي ڪاغذ کان ڊجيٽل پليٽ فارم تي منتقل ڪري ڇڏيو آهي وڪيل اليڪٽرانڪ ميڊيم ذريعي آن لائين ڪيس داخل ڪري سگهندا، اعتراض ۽ آرڊر وصول ڪري سگهندا عدالت ۾ سمارٽ روسٽرم ۽ اسڪرينون لڳايون ويون آهن سنڌ هاءِ ڪورٽ پيپر ليس ڊجيٽل ڪورٽس شروع ڪيون آهن جسٽس عدنان اقبال چوڌري تي مشتمل سنگل بينچ پهرين ڏينهن چار ڪيسن جي ٻڌڻي ڪئي

بقايا 35 مراد علي شاهه

سيد مراد علي شاهه سان نئين مقرر ڪيل ايران جي قونصل جنرل مسٽر اڪبر عيسيٰ زاده جي وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ٿي. وڏي وزير مسٽر عيسيٰ زاده کي سنڌ آمد تي ڀليڪار چيو ۽ کيس نئين ذميواري سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني. وڏي وزير چيو ته ايران هڪ پاڙيواري اسلامي ملڪ آهي جنهن سان پاڪستان خاص طور سنڌ جا گهرا ۽ تاريخي لاڳاپا آهن. قونصل جنرل گرمجوشي سان استقبال ڪرڻ ۽ مبارڪباد ڏيڻ تي وڏي وزير جو شڪريو ادا ڪيو. ملاقات دوران مسٽر عيسيٰ زاده، اڳوڻي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي آغا سراج دراني جي وفات تي تعزيت جو اظهار ڪيو جنهن تي وڏي وزير چيو ته هو سندس تعزيت جو پيغام لاڳاپيل خاندان تائين پهچائيندو. قونصل جنرل سنڌ ۾ تازو ٻوڏ سبب ٿيل نقصانن تي به افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ٻنهي ڌرين اقتصادي، واپاري ۽ سياحتي لاڳاپن کي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 36 ڪامران ٽيسوري

وزيراعظم شهيد ملت لياقت علي خان جي 74 هين شهادت جي ڏهاڙي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته شهيد ملت لياقت علي خان کي سندس شهادت جي ڏهاڙي تي خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو لياقت علي خان جي شهادت جو ڏهاڙو قومي تاريخ ۾ عظيم قرباني، عزم ۽ آزادي جو هڪ روشن مثال آهي

PAKISTAN SECURITY PRINTING CORPORATION (PVT) LIMITED

(WHOLLY OWNED SUBSIDIARY OF STATE BANK OF PAKISTAN)

Dated: October 13, 2025

Invitation for Bids

(Single Stage – One Envelope Procedure)

Pakistan Security printing Corporation (Pvt.) Limited (PSPC) invites electronic bids from eligible bidders registered with relevant tax authorities and are **active tax payers** for following items on **F.O.R.** basis.

Tender No.	Bid Doc. Submission	Bid Opening Date & Time	Earnest Money	Description of Job / Items	Qty/ Job
LP/T-2310/25	11-11-2025 11:00 A.M.	11-11-2025 11:30 A.M.	Rs. 130,000/- Fixed	1) Supply of Process Chiller with Spares 2) Hiring Services for Installation, Commissioning, Test Run and Training of Process Chiller for Note Screen	As Per BOQ
Specification / BOQ / Detail attached with relevant tender document.					

=> Bids will be opened using EPADS in presence of the bidder(s), who desire to attend. Conditional/ incomplete bid document will not be considered. Other terms & conditions as per tender document.

=> Tender advertisement can be viewed on both the PPRA and PSPC websites (www.ppra.org.pk and www.pspc.gov.pk), whereas the complete tender document containing a detailed description of the assignment and other terms and conditions is available on EPADS at www.eprocure.gov.pk

=> Electronic bids prepared in accordance with the instruction provided in tender document must be submitted by using EPADS on or before above-mentioned date & time. Manual bids will not be accepted. The e-bids will be opened on the given date and time by using EPADS.

Deputy General Manager
Purchase Department
Pakistan Security Printing Corporation (Pvt) Ltd
Jinnah Avenue Malir Halt, Karachi - 75100
Ph: 021-99248511 (Ext - 2202-19) / www.pspc.gov.pk

PID (K) 1326/25

Empowering Futures Through **AI, OCEAIN**-A Joint Vision of OGDCL & BNBWU

پروپوزل گهربل آهن

"OCEAIN" پراجيڪٽ جي لاءِ انجنيئرنگ/ آرڪيٽيڪچرل ڪنسلٽنسي سروس لاءِ خلمتون گهربل آهن

بي اين بي مذڪوره ترقياتي منصوبي لاءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان گڏ رجسٽرڊ ڪنسلٽنسي فرمن کي شامل ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. جنهن جي لاڳت 178.000 ملين رپيا جي منظوري ڏني ويئي آهي. جنهن ۾ سول ورڪ جي لاءِ 146.000 ملين رپيا شامل آهن. انجنيئرنگ/ آرڪيٽيڪچرل ڪنسلٽنسي سروسز جي لاءِ تجويزن کي Sub-Soil Testing (مٽي جي جانچ پڙتال) منصوبه بندي، ڊزائننگ، انجنيئر جي تخمينہ بشمول ٽينڊر دستاويزات ۽ پراجيڪٽ جي سول ڪم جي اعليٰ تعميراتي نگراني جي لاءِ مدعو ڪيو ويو آهي. ڪنسلٽنسي هيٺ ڄاڻايل ڪمن جو احاطو ڪندي:

S.N	Tasks
1.	Sub-Soil Testing
2.	Conceptual & Preliminary Design – architectural concepts, 3D views, Planning.
3.	Detailed Design & BOQs – structural, MEP, EDGE compliance, tender documents.
4.	Tendering Assistance – Bid evaluation, award recommendations.
5.	Construction Supervision – Quality control, Progress monitoring, Certifications.
6.	Testing & Commissioning Certification – Verifying works, Equipment installation, and Assistance in Final approval.
7.	Close-out Documentation – As-built drawings, Completion report, and Warranty compliance.

دلچسپي رکندڙ ڪنسلٽنسي فرمن کان درخواست ٿي ڪجي ته هو RFP دستاويز ڊائون لوڊ ڪن جن ۾ تفصيلي شرط جو حوالو (TORs) سان گڏ تشخيصي معيار جي سان گڏ SPPRA جي ويب سائيٽ يعني: https://portalsindh.eprocure.gov.pk يا يونيورسٽي جي ويب سائيٽ: www.bnbwu.edu.pk يا پراجيڪٽ ڊائريڪٽوريٽ BNBWU جي آفيس وقت کان علاوه 17-09-2025 کان 31-10-2025 5000 رپين جي ادائگي تي ("بيگم نصرت ڀٽو وومين يونيورسٽي") جي حق ۾ ڪال ڊپازٽ/ ڊي ڊي جي صورت ۾ ناقابل واپسي سنگل اسٽيج ٻن لفافن جي طريقيڪار جو استعمال ڪري پروپوزل جو جائزو ورتو ويندو (ڪوالٽي 70% جي چونڊ) لاڳت (30%) دلچسپي رکندڙ فرمن کي پنهنجي ٽيڪنيڪي ۽ مالياتي پروپوزلز الڳ الڳ مهربند لفافن ۾ جمع ڪرائڻ جي ضرورت هوندي جيڪو واضح طور تي "ٽيڪنيڪي پروپوزل" ۽ "مالي پروپوزل" کي واضح ۽ قابل فهم اکرن ۾ جمع ڪن اهي ٻئي پروپوزلز هڪ بيروني لفافي ۾ بند ڪيون وينديون ۽ 03-11-2025 تي رجسٽرڊ ڊاڪ ذريعي يا پراجيڪٽ ڊائريڪٽر BNBWU سکر جي آفيس ۾ صبح 11:30 وڳي ڪان پهرين هڪ پيڪيج جي طور تي جمع ڪيون وينديون ۽ ساڳئي هنڌ تي کوليون وينديون ۽ ساڳئي ڏينهن تي منجهند 12:00 وڳي ڪميٽي طرفان انهن جي نمائندي جي موجودگيءَ ۾ مصنف جي چونڊ ڪئي ويندي. حاضر هئڻ ابتدائي طور تي صرف "ٽيڪنيڪي پروپوزل" جي نشان واري لفافي کي کوليو ويندو صرف ٽيڪنيڪي طور تي اهل واڪ ڏيندڙن جي "مالي پروپوزل" کولي ويندي. عام موڪل جي صورت ۾ ڪنسلٽنٽ سليڪشن ڪميٽي جو ڪوبہ رکن دستياب نہ هئڻ جي صورت ۾ تجويز پيش ڪئي ويندي ۽ ورنڊڙ ڪم ڪار واري ڏينهن ساڳئي هنڌ ۽ وقت تي کولي ويندي. نامڪمل ۽ دير سان پهتل تجويزن تي غور نہ ڪيو ويندو. "بيگم نصرت ڀٽو وومين يونيورسٽي سکر" جي حق ۾ شيڊيول بينڪ مان ڪال ڊپازٽ/ ڊي ڊي جي صورت ۾ قيمت جو 2% جي شرح سان سوٽي جي رقم مالياتي پروپوزل سان گڏ هئڻ گهرجي.

نوٽ: سمورا شرط ۽ ضابطا هڪجهڙا رهندا.

پروڪيورمينٽ ايجنسي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي لاڳاپيل شقن تحت سمورا يا ڪنهن به تجويز کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

PID(H) 142/2025

پراجيڪٽ ڊائريڪٽر (OCEAIN)

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن
ماڊل ڪالوني ڊسٽرڪٽ ڪورنگي

No. Chairman/B&R/TMC/MCT/2025-26 Dated: 16-10-2025

ٽينڊر نوٽيس

رول (1) 17 جي مطابق SPPRA 2010 ترميم ٿيل 2019)
(سنگل اسٽيج-سنگل لفافو)

هيٺين ڪمن لاءِ سڀني دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/فرمن/پارٽين کان مهربند ٽينڊر طلب ڪيا ويا آهن.

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	PC ڪاسٽ	5% واڪ سيڪيورٽي	ٽينڊر في
01	سيمينٽ فراهم ڪرڻ، لڳائڻ ۽ درست ڪرڻ پيور بلاڪ فلورنگ ٽائون آفيس روڊ يو سي-06 ٽي ايم سي ماڊل ڪالوني.	8058583	405000.0	5000.0
02	سيمينٽ پيور بلاڪ فراهم ڪرڻ، لڳائڻ ۽ درست ڪرڻ ايڇ بي ايل بينڪ بهاري چوڪ کان بي-18 شمسي سوسائٽي مين روڊ تائين قبا مسجد يو سي-08 وارڊ 01 ٽي ايم سي ماڊل ڪالوني ذريعي.	7167346	360000.0	5000.0
03	گلشان مسجد کان هائوس نمبر E-16 گلشان مارڪيٽ روڊ يو سي-08 وارڊ 04 ٽي ايم سي ماڊل ڪالوني تائين سيمينٽ پيور بلاڪ فلورنگ فراهم ڪرڻ، لڳائڻ ۽ درست ڪرڻ.	7120871	360000.0	5000.0
04	بلال مسجد کان رياض آئوز تائين هائوس نمبر A-71 UC-08 TMC ماڊل ڪالوني ذريعي سيمينٽ پيور بلاڪ فلورنگ فراهم ڪرڻ، لڳائڻ ۽ درست ڪرڻ.	6256875	315000.0	5000.0
05	نور مسجد کان فضل ڪريم مسجد يوسي-08 وارڊ 04 ٽي ايم سي ماڊل ڪالوني تائين سيمينٽ پيور بلاڪ فلورنگ فراهم ڪرڻ، لڳائڻ ۽ درست ڪرڻ.	6245034	315000.0	5000.0

شرط ۽ ضابطا

Sr	شيڊيول	تاريخ ۽ وقت	هنڌ
01	ٽينڊر جاري ڪرڻ لاءِ درخواست جي وصولي	20-10-2025 کان 2025-11-04 آفيس وقت دوران	ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ماڊل ڪراچي، ST-2، پنيان سعود آباد پوليس اسٽيشن، ملير ڪالا بورڊ، ڪراچي.
02	ٽينڊر جو رکڻ	05-11-2025 صبح 10:00 وڳي	ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ماڊل ڪراچي، ST-2، پنيان سعود آباد پوليس اسٽيشن، ملير ڪالا بورڊ، ڪراچي.
03	ٽينڊر جو کولڻ	05-11-2025 صبح 10:30 وڳي	ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ماڊل ڪراچي، ST-2، پنيان سعود آباد پوليس اسٽيشن، ملير ڪالا بورڊ، ڪراچي.

2. ڪنهن به سبب جي ڪري جيڪڏهن مٿي ڏنل تاريخ تي ٽينڊرن جو جواب نه ڏنو ويو ته واڪ جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي ايندڙ تاريخ 19-11-2025 هوندي ۽ ٽينڊر دستاويز پڻ 05-11-2025 کان 18-11-2025 تائين دستياب هوندا.
3. پري بِڊ ميٽنگ: 29-10-2025 تي (صبح جو 9:00 وڳي).
4. سائيٽ جو دورو: 03-11-2025.
5. ٽينڊر دستاويز ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايس ٽي-2 جي پنيان سعود آباد پوليس اسٽيشن ملير ڪالا بورڊ، ڪراچي، ٽي ايم سي ماڊل ڪالوني کان مٿي ذڪر ڪيل ايڊريس تي ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن تي ٽي ايم سي ماڊل ڪالوني جي حق ۾ ڪنهن به شيڊيول بينڪ مان پي آرڊر ذريعي ٽينڊر جي ناقابل واپسي قيمت جي ادائيگي ۽ هڪ تحريري درخواست جمع ڪرائڻ تي وڪري لاءِ موجود آهن. ٽينڊر جي قيمت جي پي آرڊر ڪمپني/فرم/واڪ ڏيندڙن جي پنهنجي طرفان تيار ڪئي وڃي. پي آرڊر جو اڪائونٽ ۽ ڪائونٽر فائل پڻ فراهم ڪيو ويندو. ٽينڊر کولڻ جي تاريخ تي ڪو به ٽينڊر وڪرو نه ڪيو ويندو.

4- اي) قابليت جو معيار:
➤ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل لائسنس / رجسٽريشن لاڳو ناهي.

بي) گهٽ ۾ گهٽ قابليت جو معيار:
i. لاڳاپيل ٽيڪس اختيارين سان رجسٽرڊ (انڪم ٽيڪس / سيلز ٽيڪس) (جتي لاڳو ٿئي).
ii. سنڌ روينيو بورڊ سان رجسٽرڊ.
iii. گذريل 3 سالن جو بينڪ اسٽيٽمينٽ.
iv. ٽرن اوور (گهٽ ۾ گهٽ 5.00 ملين ۽ 2 پروجيڪٽس) ۽ لاڳاپيل شعبي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 3 سالن جو تجربو.
v. ڪنهن به پروڪيورنگ ايجنسي طرفان ڪنهن به فرم کي بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي / منع ڪيو ويو آهي بي صورت ۾ ٽي ايم سي ماڊل فرم کي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز-2010 (ترميم ٿيل 2019) جي رول-30 جي تابع نااهل قرار ڏيندو حلف نامو ضروري آهي ته فرم بليڪ لسٽ نه آهي.
vi. ٽي ايم سي ماڊل پاران لاڳاپيل سمجهيل ڪو بيو عنصر ضابطو-44 جي شق جي تابع.
vii. هر واڪ ۾ هڪ واحد لفافو هوندو جنهن ۾ فنانشل پروپوزل ۽ گهربل معلومات شامل هونديون جيئن واڪ دستاويزن ۾ بيان ڪئي وئي آهي.
viii. وصول ٿيل واڪ کي کوليو ويندو ۽ ان جو جائزو ورتو ويندو جيئن ٽينڊر دعوت ڏيڻ واري نوٽيس يا واڪ دستاويزن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.
ix. سال 2023-24 لاءِ پيشيور ٽيڪس جو اصل ادا ڪيل چالان گهربل آهي.
x. ليز تي ڏنل مشينري جي ملڪيت جو ثبوت گهربل آهي.

5. صرف اهي واڪ/ ٽينڊرز جيڪي گهٽ ۾ گهٽ اهليت/ لياقت جي معيار جي هر هڪ ضرورت کي پورو ڪن ٿيون جيئن ته نوٽيس ۾ ذڪر ڪيل ٽينڊرز کي دعوت ڏيڻ لاءِ ٽينڊر دستاويز سان ڳنڍيل هجڻ گهرجن. بي صورت ۾ واڪ/ٽينڊرز کي غير جوابدار / رد قرار ڏنو ويندو ۽ وڌيڪ تشخيص لاءِ اهل نه هوندا.
6. موڪلن ۽ افتتاح جي تاريخ تي غير متوقع حالتن جي صورت ۾، واڪ ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي جمع ڪرايا ۽ کوليا ويندا. بيا شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا.
7. واڪ ڏيندڙن کي گهٽ ۾ گهٽ اهليت/لياقت جي معيار ۾ ذڪر ڪيل دستاويز ٽينڊر دستاويزن سان گڏ شامل/ بند ڪرڻ گهرجن ۽ هر ٽينڊر شرڪت ڪندڙ سان گڏ ٽينڊر باڪس ۾ وجهڻ گهرجن. مٿي ذڪر ڪيل پي آرڊر جي صورت ۾ 5% واڪ سيڪيورٽي ٽينڊر دستاويزن سان گڏ هجڻ گهرجي. ڪم جي نالي جو ذڪر ڪندي مهر بند لفافي ۾ ٽينڊر ڪم جي تعداد کي ٽينڊر اوپننگ ۽ اويليوئيشن ڪميٽي جي ڪميٽي روم، ٽي. ايم. سي. ماڊل ڪراچي ۾ رکيل ٽينڊر باڪس ۾ وجهڻ گهرجي.
8. ٽينڊر مٿي ڏنل شيڊيول مطابق منجهند 2:00 وڳي تائين جمع ڪرايا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن منجهند 3:00 وڳي ٽينڊر اوپننگ اينڊ اويليوئيشن ڪميٽي پاران مٿي ذڪر ڪيل ڪميٽي روم ۾ ٺيڪيدارن يا انهن جي مجاز نمائندن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو.
9. جيڪڏهن حڪومت طرفان افتتاح جي تاريخ کي سرڪاري موڪل قرار ڏنو وڃي ٿو، ته ايندڙ سرڪاري ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ٽينڊر جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ سمجهيو ويندو.
10. مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
11. اڻ سيل ٿيل ڪور ۾ ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو.
12. ڪُل واڪ ۽ شين ۾ قيمتون انگن ۽ اکرن ٻنهي ۾ ڀريون وڃن.
13. واڪ سيڪيورٽي ناڪام واڪ ڏيندڙن کي تيستائين جاري نه ڪئي ويندي جيستائين ڪامياب واڪ ڏيندڙن سان معاهدي تي صحيح نٿي ٿئي.
14. ٽينڊرن جي سلسلي ۾ چونڊ مهم هلائڻ سختي سان منع آهي ۽ ٺيڪيدارن پاران جمع ڪرايل ٽينڊر جيڪي چونڊ مهم جو سهارو وٺندا اهي رد ٿيڻ جا ذميوار هوندا.
15. ٽينڊر SPPRA جي ويب سائيٽ www.ppms.pprasindh.gov.pk تان ڊسي/ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. مٿي ذڪر ڪيل ٽينڊر فيس سان گڏ ٽپال ذريعي يا هٿ سان.
16. ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ماڊل ڪالوني ڪراچي جي اٿارٽي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي شق جي تابع ڪنهن به يا سڀني ٽينڊرن کي قبول يا رد ڪري سگهي ٿي.

چيئرمين (ظفر احمد خان)
ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ماڊل ڪالوني.

INF-KRY.NO.3292/2025

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

مختيار انڙ صفحو 4 — اڄوڪو ڏينهن .... 17 آڪٽوبر

فلسطين جي خوشحاليءَ تي ويٽو ڪنهن ڪيو آهي؟ — محمود شام صفحو 4

غلام فاروق صفحو 4 — ذهين ذهن جي پرڏيهي هجرت: پاڪستان لاءِ هڪ قومي سواليه نشان؟

پاڪستان جي ڪامياب دفاعي حڪمت عملي — صفحو 4

ايڊيٽوريل

گولاڙچي جي سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ آبادگار ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي شٽر بند هڙتال

واپارين ۽ ڪارخاني مالڪن پاران سارين جو مناسب اگهه نه ڏيڻ ۽ ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ خلاف ريليون

واپارين ۽ رائيس ملز مالڪ پاڻ ۾ هڪ ٿي قائم ڪري سارين جو اگهه هزار هزار لاهي 21 سؤ روپيا مڻ ڪري ڇڏيو آهي: آبادگار

ناجائز ڪٽوتي سبب آبادگارن جو فصل تي ڪيل خرچ به نٿو لهي، پاڻ، ٻج، زرعي دوائون مهانگي اگهه تي خريد ڪيون آهن

گولاڙچي/ ڪڙيوگهنور (نمائندن وسيلي) گولاڙچي ۽ ڪڙيوگهنور ۾ آبادگار ايڪشن ڪاميٽي گولاڙچي جي سڏ تي واپارين ۽ ڪارخاني مالڪن پاران سارين جو مناسب اگهه نه ڏيڻ ۽ ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ خلاف ڪڙيوگهنور سميت تعلقي گولاڙچي جي سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ شٽر بند هڙتال ڪئي وئي. هڙتال سبب شهر جا سمورا ڪاروباري مرڪز بند رهيا، ٻي طرف آبادگار اڳواڻ جاڪرو نوحاڻي، نصير مري، پوڙهو شاهاڻي ۽ ابو نوحاڻي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته واپاري ۽ رائيس ملز مالڪ پاڻ ۾ هڪ ٿي قائم ڪري سارين جو اگهه هزار هزار لاهي 21 سؤ روپيا مڻ ڪري ڇڏيو آهي ان کان علاوه في مڻ تي ناجائز ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي جيڪا آبادگارن سان سراسر ناانصافي آهي مناسب اگهه نه ملڻ ۽ ناجائز ڪٽوتي سبب آبادگارن جو فصل تي ڪيل خرچ به نٿو لهي پاڻ، ٻج، زرعي دوائون مهانگي اگهه تي خريد ڪيون آهن هتي سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته سارين جو اگهه 4000 هزار في مڻ مقرر ڪري، واپارين ۽ ملز مالڪن پاران آبادگارن جو جيڪو معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي اهو بند ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ڪڙيو گهنور: سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ آبادگار ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي شٽر بند هڙتال

باقراڻي لڳ قانوندان سيد مظفر علي شاهه شمسي لاڏاڻو ڪري ويو

باقراڻي (ن ع) باقراڻي لڳ ڳوٺ سيد فيض علي شاهه واسي اهليت سياسي سماجي اڳواڻ ۽ قانوندان سيد مظفر علي شاهه شمسي اوچتو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز ۾ سوين شهرين سياسي سماجي اڳواڻن وڪيلن توڙي سيد برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن بعد سندس مڙهه کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. ٽڏي تي سندس وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري، رپورٽ موجب، باقراڻي تعلقي جو سياسي سماجي ۽ مذهبي اڳواڻ ۽ لاڙڪاڻي جو مشهور قانوندان سرڪاري وڪيل سيد مظفر علي شاهه شمسي اٽڪل 70 سالن جي عمر ۾ دل جي دوري پوڻ سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي، سندس جي جنازي نماز ۾ سوين مريدن عقيدتمندن ،سياسي سماجي اڳواڻن، وڪيلن شهرين علائقي جي معززين ۽ سيد برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، مرحوم جي مڙهه کي سوين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي، هوڏانهن سندس جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته ڳوٺ ۽ آس پاس جي ڳوٺن شهرن ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل آهي

باقراڻي لڳ علي آباد انڙ هائوس تي تڪرارن جا فيصلا ۽ نبيرا

پ پ اڳواڻ عدنان الطاف انڙ طرفان مختلف برادرين کي کير کنڊ ڪيو ويو

ماڻهن کي گهرجي ته ننڍا وڏا اختلاف ختم ڪري ايڪي ۽ ٻڌي سان رهن: عدنان الطاف انڙ

باقراڻي (ن ع) باقراڻي لڳ علي آباد انڙ هائوس تي پ پ اڳواڻ عدنان الطاف انڙ طرفان مختلف برادرين جي ماڻهن وچ ۾ هلندڙ تڪرارن جا فيصلا نبيرا ڪري ڏرين مٿان مجموعي طور 22 لک رپيا ڏنڊ وجهي ڏرين کي پاڪر پارائي کير کنڊ ڪري ڇڏيو، قبيلائي تڪرار سنڌ لاءِ ناسور بڻيل آهن برادرين جي ماڻهن کي گهرجي ته ننڍا وڏا اختلاف ختم ڪري ايڪي ۽ ٻڌي سان رهن ته جيئن قبيلائي تڪرار جنم نه وٺي سگهن. عدنان الطاف حسين انڙ رپورٽ موجب، باقراڻي لڳ علي آباد انڙ هائوس تي پ پ اڳواڻ ايم پي اي عادل الطاف حسين خان انڙ جي ڀاءُ پ پ اڳواڻ عدنان الطاف انڙ طرفان مختلف برادرين ڪلهوڙا، ٽونيه، شيخ، جيسر، جماراڻي، ڪوهارا، آريجا، بروهي، انڙ ۽ ٻين برادريءَ جي ماڻهن وچ ۾ هلندڙ زميني خوني سڱاوتي ۽ مامرن مسئلن تي هلندڙ تڪرارن جو فيصلو نبيرو پ پ اڳواڻ عدنان الطاف انڙ برڪت علي ابڙو ۽ ٻين جي سرپنچي هيٺ فيصلا ڪيا ويا، جنهن ۾ سمورن ڏرين جي مشيرن توڙي برادرين جي ماڻهن شرڪت ڪئي جڏهن ته ان موقعي تي سرپنچ عدنان الطاف حسين خان انڙ الزام هيٺ آيل ڏرين مٿان مجموعي طور 22 لکن روپيا ڏنڊ رکي ميڙ ڪرڻ جي فتوي پڻ جاري ڪئي ان موقعي تي ڏرين کي پاڪر پارائي کير کنڊ ڪيو ويو ڏرين فيصلا قبولي ورتا،ان موقعي تي پ پ اڳواڻ عدنان الطاف حسين خان انڙ مختلف برادرين جي ماڻهن سان ڳالهائيندي چيو ته قبيلائي تڪرار سنڌ لاءِ ناسور بڻيل آهن سنڌ جي سموري عوام کي گهرجي ته پاڻ ۾ ننڍا وڏا اختلاف ختم ڪري پاڻ ۾ ايڪي ۽ ٻڌي سان رهڻ گهرجي ته جيئن قبيلائي تڪرار جنم نه وٺن ان موقعي تي برڪت علي ابڙو سڪندر علي چنه اخلاق انڙ نعمت علي ڪنير امام علي بروهي ۽ ٻيا ڪدرائي موجود هئا.

باقراڻي: علي آباد انڙ هائوس تي پ پ اڳواڻ عدنان الطاف انڙ طرفان مختلف برادرين جا فيصلا ڪندي

زرعي يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ڪاربان اوپٽرنس ٽوڪن (CATs) جي ورهاست

ماهرن پاران زرعي، ٻيلن ۽ قدرتي وسيلن تي ٻڌل سمارٽ ڪاربان مينيجمينٽ ٽاسڪ فورس ذريعي حل ڳولهڻ تي اتفاق

تيزيءَ سان وڌندڙ صنعتون، ٽرانسپورٽ ۽ توانائي جا شعبا گرين هائوس گيسن جي اخراج ۾ نمايان اضافو ڪري رهيا آهن: وي سي

مينگروز ۽ دريائي ٻيلن جي وڍڪاري، سيلاب ۽ لائيو اسٽاڪ منصوبن، مصنوعي ذهانت ۽ ڪاربان لٽريسي تي تربيتي پروگرامن جو آغاز ڪيو ويو آهي

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌ زرعي يونيورسٽي ۽ هويو ڪينيڊا پاران يونيورسٽي سمارٽ ڪاربان مينيجمينٽ ٽاسڪ فورس قائم ڪرڻ ۽ زرعي، ٻيلن ۽ قدرتي وسيلن تي ٻڌل سمارٽ ڪاربان مينيجمينٽ ٽاسڪ فورس ذريعي حل ڳولهڻ ۽ ڪاربان کان آجا ماڊل ڳوٺ جوڙڻ واري تصور کي حقيقت ۾ تبديل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي. زرعي يونيورسٽي ۾ رٿيل تقريب دوران ماهرن پاران سنڌ ۾ ٻيلن جي ايراضي تي سيڪڙو کان به گهٽجڻ تي به ڳڻتي ظاهر ڪندي، يونيورسٽين ۾ ڪاربان لٽريسي پروگرام کي هٿي ڏيڻ تي زور ڏنو آهي. ماهرن پاران ان قسم جون ڳالهيون سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جي سينيٽ هال ۾ هويو ڪينيڊا طرفان شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ڪاربان اوپٽرنس ٽوڪن (CATs) جي ورهاست واري تقريب دوران ڪيون. وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال پنهنجي صدارتي خطاب ۾ چيو ته تيزيءَ سان وڌندڙ صنعتون، ٽرانسپورٽ ۽ توانائي جا شعبا گرين هائوس گيسن جي اخراج ۾ نمايان اضافو ڪري رهيا آهن. جنهن سبب ماحولياتي توازن سخت متاثر ٿي رهيو آهي هن چيو ته شهرن ۾ گاڏين جي وڌندڙ انگ ۽ صنعتي پلانٽن ۾ فلٽر يا صاف ٽيڪنالاجيءَ جي کوٽ فضائي آلودگيءَ کي سنگين مسئلو بڻائي ڇڏيو آهي هن وڌيڪ ته هويو سان هن شراڪتداري هيٺ مينگروز ۽ دريائي ٻيلن جي وڍڪاري، سيلاب ۽ لائيو اسٽاڪ منصوبن، مصنوعي ذهانت ۽ ڪاربان لٽريسي تي تربيتي پروگرامن جو آغاز ڪيو ويو آهي جيڪي شاگردن لاءِ نيون مهارتون سکڻ ۽ پائيدار مستقبل لاءِ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ جا موقعا مهيا ڪري رهيا آهن فيڪلٽي آف ڪراپ پروٽيڪشن جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر عبدالمبين لوڌي هويو ڪينيڊا جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته اها سنڌ زرعي يونيورسٽي جي وڏي ڪاميابي آهي، جنهن ذريعي اسٽارٽ اپس، انٽرپرينيوئرشپ ۽ شاگردن جي عملي شموليت کي هٿي ملي آهي هن بايوچار مورنگا پڄر ڪري، سيلچ ڪيسٽي بلڊنگ ۽ غربت جي خاتمي سان لاڳاپيل منصوبن کي پائيدار ترقي لاءِ اهڙيٽا قرار ڏنو هويو ڪينيڊا جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر عبدالوحيد سولنگي ٻڌايو ته معاهدي تحت ٻه اهم هدف مقرر ڪيا ويا آهن يونيورسٽي سمارٽ ڪاربان مينيجمينٽ ٽاسڪ فورس جو قيام ۽ زرعي ٻيلن ۽ قدرتي وسيلن تي ٻڌل ڪاربان مينيجمينٽ حلن جو نفاذ ۽ ڪاربان کان آجا ڳوٺ شامل آهن هن چيو ته ڪاربان اوپٽرنس ٽوڪن پروگرام ذريعي شاگردن کي موسمياتي تبديلي، ڪاربان مارڪيٽ ۽ جديد علم سان گڏ آمدني جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن، جنهن "سکو ۽ ڪمايو" واري تصور کي حقيقت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي شاگرد آن لائين ڪورس ڪوئز ۽ عملي سرگرمين وسيلي ڪاربان نيوٽرل ڳوٺن ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ڊاڪٽر سولنگي وڌيڪ چيو ته مصنوعي ذهانت کي زرعي تعليم ۽ ڪاربان ويري فيڪيشن سان ڳنڍي سنڌ زرعي يونيورسٽي کي اي آئي تي ٻڌل پائيدار زراعت ۾ اڳواڻ ادارو بڻائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي جيڪو پاڪستان جي ٻين يونيورسٽين لاءِ هڪ مثالي ماڊل ثابت ٿيندو. تقريب جي آخر ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ ڪاربان اوپٽرنس ٽوڪن ۽ نقد انعامات ورهايا.

ٽنڊوڄام: سنڌ زرعي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال شاگردياڻي کي چيڪ ڏئي رهيو آهي

اڏيرولال لڳ ڳوٺ عرضي هڪڙا ۾ اسڪولي ٻارن ۾ ڊريسون تقسيم

اوڏيرولال (ن ع) اڏيرولال لڳ ڳوٺ عرضي هڪڙا ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اسڪول ۾ يوسي چيئرمين غلام هڪڙو طرفان ٻارن کي مفت اسڪول ڊريس ڏيڻ وارو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ استادن شاگردن ۽ والدين شرڪت ڪئي يوسي چيئرمين غلام محمد هڪڙو اعلان ڪيو ته هر مهيني غريب مستحق ٻارن جي خرچي لاءِ 25 هزار رپيا به ڏنا ويندا ان موقعي تي اسڪول ۾ سٺي ڪارڪردگي رکندڙ اسڪول جي استادن کي شيلڊون ڏنيون ويون

خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز ۾ تقريب

ڪاليج ۾ ورلڊ فوڊ ڊي جو ڏينهن وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

تقريب ۾ شاگردن پنهنجا تيار ڪيل ويليو ايڊڊ فوڊ پراڊڪٽس پيش ڪيا

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز جي فوڊ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ڊپارٽمينٽ پاران ورلڊ فوڊ ڊي جو ڏينهن وڏي جوش ۽ جذبي سان ڪاليج جي فوڊ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي شعبي ۾ ملهايو ويو ان موقعي تي شعبي جي شاگردن طرفان مختلف اسٽالن جو انتظام ڪيو ويو جن ۾ شاگردن پنهنجا تيار ڪيل ويليو ايڊڊ فوڊ پراڊڪٽس پيش ڪيا، جيڪي جديد خوراڪ ٽيڪنالاجي ۽ پروسيسنگ سکڻ کان پوءِ تيار ڪيا ويا هئا. اسٽالن تي کيلن کجور ۽ ٻين مقامي زراعت پيداوارن مان تيار ڪيل شيون نمائش لاءِ رکيون ويون، جيڪي شاگردن جي تخليقيت ۽ فني مهارت جو ثبوت هيون خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز جي پرنسپال ڊاڪٽر سيد علي رضا شاهه فيڪلٽي ميمبرن ۽ ٻين شعبي جي شاگردن سان گڏ انهن اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ شاگردن جي ڪوشش کي ساراهيو. ڊاڪٽر شاهه چيو ته دنيا هن وقت موسمي تبديلي ۽ آبادي ۾ واڌ سبب خوراڪ جي تحفظ جي سنگين چيلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي ٽيڪنڪري پائيدار زراعت ئي ان جو بهتر حل آهي ڊاڪٽر شاهه فوڊ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي شعبي جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته شاگرد جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪري مقامي وسيلن مان صحتمند ۽ ويليو ايڊڊ شين جي تياري ڪري رهيا آهن جيڪو قابل تعريف عمل آهي ڊاڪٽر حافظ الرحمن منگيو به ان موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته پائيدار زراعت ذريعي ئي خوراڪ جي تحفظ حاصل ڪري سگهجي ٿي مڏدم نوا حسن ورلڊ فوڊ ڊي جي اهميت ۽ مقصدن بابت تفصيل سان روشني وڌي ۽ شاگردن کي آگاهي وڌائڻ جي ترغيب ڏني مختلف شعبن جي شاگردن پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ۽ خوراڪ ماحولياتي اثرن ۽ پائيدار زراعت تي ڳالهايو موقعي تي فيڪلٽي ميمبر، آفيسر ۽ شاگرد وڏي انگ ۾ موجود هئا جن هن شاندار تقريب کي ساراهيو.

ميهڙ ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مبينه مقابلو، ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

پوليس ٽيم جو فريدآباد روڊ سهاڳ واهه وٽ ڌوهه جي ارادي سان بيٺل هٿياربند ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو

ٻنهي طرفن کان فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڌاڙيل زخمي حالت ۾ پستول سميت پوليس گرفتار ڪري ورتو

ساٿي فرار ٿي ويا، موقعي تان ڌاڙيلن جي زير استعمال موٽرسائيڪل به هٿ ڪئي وئي آهي: طارق حسين لاکير

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مبينه مقابلو فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ايس ايڇ او ميهڙ اي سيڪشن طارق حسين لاکير جو پوليس ٽيم سان گڏ فريدآباد روڊ سهاڳ واهه وٽ ڌوهه جي ... ورتي جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا، موقعي تان ڌاڙيلن جي زير استعمال موٽرسائيڪل به هٿ ڪئي وئي زخمي ڌاڙيل کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته فرار ڌاڙيلن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن ... چوري ڦر پوليس مقابلن ۽ غيرقانوني هٿيار رکڻ سميت ڪيترن ئي ڏوهن ۾ ملوث رهيو آهي زخمي حالت ۾ گرفتار ڏوهاري خلاف مختلف ٿاڻن ۾ داخل 15 ڪيسن جو رڪارڊ پوليس حاصل ڪري ورتو آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي ...

صوفي بزرگ حضرت پير الهيار شاهه هاشميؒ جو ساليانو عرس مبارڪ

سجاده نشين سيد پير الهيار شاهه هاشمي ۽ پير امير علي شاهه هاشمي جي حاضري

سنڌ جي ثقافتي راند ملاکڙي جا مقابلا پهلوان حصو وٺي پنهنجي فني مهارت جو مظاهرو ڪيو

متياري(ڊ ر) متياري ۾ عظيم صوفي بزرگ حضرت پير الهيار شاهه هاشميؒ جو ساليانو عرس مبارڪ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، عرس جي موقعي تي درگاهه جي سجاده نشين سيد پير الهيار شاهه هاشمي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي متياري جي صدر سيد پير اميرعلي شاهه هاشمي مزار تي حاضري ڀري، چادر چاڙهي ۽ ملڪ ۽ قوم جي سلامتي لاءِ خاص دعائون ڪيون. عرس جي موقعي تي سنڌ جي ثقافتي راند ملاکڙي جا مقابلا پڻ ٿيا، جن ۾ سنڌ ڀر جا نامور پهلوان حصو وٺي پنهنجي فني مهارت جو مظاهرو ڪيو ۽ ڏسندڙن کان خوب داد حاصل ڪئي. پهلوانن ڳالهائيندي چيو ته حڪومت جي عدم توجه سبب هي قديم ثقافتي راند زوال جو شڪار ٿي رهي آهي ۽ سرڪاري سطح تي ڪو به سهارو نٿو ملي. هنن مطالبو ڪيو ته ثقافت کاتي پاران پهلوانن کي وظيفا ڏنا وڃن ته جيئن سنڌ جي هن قديم ورثي کي زنده رکيو وڃي ۽ نئين نسل کي پنهنجي ثقافت سان روشناس ڪرايو وڃي.

متياري: صوفي بزرگ حضرت پير الهيار شاهه هاشميؒ جو ساليانو عرس مبارڪ

ملڪ ۽ قوم جي تقدير نوجوان نسل طئي ڪندي آهي: شاهنواز عباسي

مستقبل ۾ نوجوانن کي ئي ملڪ ۽ قوم جي واڳ سنڀالڻي پوندي آهي

تعليمي ۽ ڪردار جي تربيت جي صحيح هدايت وقت جي ضرورت آهي

سوڀوديرو (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽرين جي سرگرم اڳواڻ سماجي شخصيت عباسيه اتحاد پاڪستان سنڌ جي صوبائي صدر حاجي سردار شاهنواز عباسي چيو ته ملڪ ۽ قوم جي تقدير نوجوان نسل طئي ڪندي آهي، جيڪي مستقبل جا سيڙپڪار ۽ معمار آهن تعليمي ۽ ڪردار جي تربيت جي صحيح هدايت وقت جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته مستقبل ۾ انهن کي ملڪ ۽ قوم جي واڳ سنڀالڻي پوندي جيڪڏهن ٻارن کي بهتر تعليم ۽ سٺو ماحول فراهم ڪيو وڃي ته اهي ملڪ جي تعمير ۽ ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. سينيئر صحافي صوفي محمد اسحاق سومرو جي مطابق، پاڪستان بيڪرز سوئيٽ اينڊ جنرل اسٽور جي سي اي او ارسلان بشير احمد راجپوت ۽ خيرپور يونين آف جرنلسٽس جي انفارميشن سيڪريٽري، سينيئر صحافي بشير احمد راجپوت پاران سندس اعزاز ۾ ڏنل ڊنر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي، سردار شاهنواز عباسي چيو ته سنڌ جي زراعت کي فروغ ڏيڻ لاءِ هر ڳوٺ، شهر ۽ هر خاندان کي پنهنجي ٻارن کي زراعت سميت زندگي جي ٻين شعبن ۾ تعليم جي زيورن کان واقف ڪرائڻ گهرجي ته جيئن هن ڳوٺ جي رهواسين کي ضرورت پوڻ تي هٿي ۽ اتي پڄڻ نه پوي. سردار شاهنواز عباسي وڌيڪ چيو ته سنڌ قدرتي معدنيات ۽ هر موسم ۾ مالا مال آهي تنهن ڪري، سنڌ جي زرعي زمين کي سرسبز بڻائڻ لاءِ موسمي فصلن جي پوک وقت هارين، آبادگارن ۽ آبادگارن کي ڪينال جو پاڻي، زرعي اوزار ۽ ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ منصوبابندي ۽ عملي ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ واپار ۽ ڪاروباري شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن کي مالي مدد فراهم ڪرڻ لاءِ خاص قدم کنيا وڃن

سوڀوديرو: مستقبل ۾ نوجوانن کي ئي ملڪ ۽ قوم جي واڳ سنڀالڻي پوندي آهي

گڏاپ ۾ ميونسپل ڪمشنر جي آفيسرن سان تعارفي گڏجاڻي

گڏاپ ٽائون کي ماڊل ٽائون بڻائڻ جي مشن تي عمل پيرا آهيون: ميونسپل ڪمشنر

بلدياتي خدمتن ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ هر آفيسر کي پنهنجي ذميواري ايمانداري سان نڀائڻي پوندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ آفيس ۾ ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر جي صدارت هيٺ محڪمي وار آفيسرن سان تعارفي گڏجاڻي منعقد ٿي. گڏجاڻي دوران سمورن آفيسرن پنهنجو تعارف پيش ڪيو ۽ پنهنجن پنهنجن شعبن جي ڪارڪردگي، مسئلن ۽ درپيش چيلينجز بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر چيو ته (MNA)سردار جام عبدالڪريم جوکيو ۽ (MPA)ساجد جوکيو جي سهڪار تي هو شڪرگذار آهيان ، ۽ چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ طارق عزيز بلوچ جي سربراهيءَ هيٺ گڏاپ ٽائون کي ماڊل ٽائون بڻائڻ جي مشن تي عمل پيرا آهيون . هن زور ڏنو ته ترقي ۽ عوام کي بلدياتي سهولتن جي فراهمي لاءِ سمورن محڪمن ۾ پائيجاري، گڏيل هم آهنگي ۽ تعاون تمام ضروري آهي صفائي سٿرائي، اسٽريٽ لائيٽس واٽر سپلائي سولڊ سسٽم جي تنصيب ۽ ٻين بلدياتي خدمتن ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ هر آفيسر کي پنهنجي ذميواري ايمانداري سان نڀائڻي پوندي. گڏاپ ٽائون جي ماڻهن کي بهترين بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي. چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ طارق عزيز بلوچ چيو ته ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر جي مقرري سان گڏاپ ٽائون ۾ بلدياتي نظام وڌيڪ فعال ۽ مؤثر ٿيندو. اسان سڀني کي بشمول ڪائونسل هڪ ٽيم جيان گڏجي ڪم ڪرڻو آهي ته جيئن گڏاپ ٽائون جي عوام کي حقيقي معنيٰ ۾ رليف ملي سگهي. گڏاپ ٽائون جي ترقي جي سفر ۾ سمورن آفيسرن جو ڪردار شفافيت، ايمانداري ۽ خدمت تي ٻڌل هجڻ گهرجي. ان موقعي تي آفيسر ماليات افتخار حسين ڊاهي ڊائريڪٽر (HRM)همائو عمران خان ڊائريڪٽر پرايرٽي (B&R) سهيل يار خان سپرنٽنڊنٽ انجنيئر فرمان علي لاشاري، سپرنٽنڊنٽ انجنيئر (M&E)نور علي جمالي ڊائريڪٽر سينيٽيشن اشرف بلوچ چيف ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر لبنيٰ مقبول ڊائريڪٽر بجيٽ توفيق احمد جوکيو ڊائريڪٽر پينشن جلال حنيف، ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر ڊائريڪٽر ايڊورٽائيزمينٽ هدايت الله شيخ، ڊائريڪٽر پي رول ڪاشف اقبال ٽرانسپورٽ آفيسر اقبال ميرالي ڊائريڪٽر اسٽيبلشمينٽ سرفراز احمد کٽيهري، ڊائريڪٽر بجيٽ توفيق جوکيو ڊائريڪٽر پارڪنگ شفيع بلوچ ڊائريڪٽر ڪنٽريڪٽ مينيجمينٽ ناصر بلوچ لا آفيسر سهيل حميد قاضي، ڊائريڪٽر واٽر ريسورس مينيجمينٽ جميل ميمڻ انچارج واٽر ٽينڪر اسلم بروهي، ڪائونسل آفيسر سجاد احمد، پي ايس ايم سي علي مهر پي ايس چيئرمين لعل جان بني ۽ ٻيا به موجود هئا.

ڪراچي: گڏاپ ۾ ميونسپل ڪمشنر جي آفيسرن سان تعارفي گڏجاڻي

هنگورجا ۾ مفت آڊيولاجيڪل سروسز جي افتتاحي تقريب

سنڌ حڪومت معذورن جي بهتري ۽ بحالي لاءِ اڻٿڪ قدم کنيا آهن: محرم شاهه لکياري

سماج ۾ آگاهي وڌي ٿي ته معذوري ڪا ڪمزوري نه، پر هڪ مختلف صلاحيت آهي

هنگورجا(ن ع) هنگورجا ۾ لائيف چينجنگ فائونڊيشن پاران ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسنز وٿ ڊسيبليٽيز حڪومت سنڌ جي سهڪار سان سيد ارشاد احمد شاهه لکياري ميموريل هاسپيٽل ۾ قائم ٿيل مخصوص معذور ٻارڙن لاءِ بحالي مرڪز ۾ مفت آڊيولاجيڪل سروسز جي افتتاحي تقريب منعقد . 150 کان وڌيڪ معذورن ۾ لاءِ ويل چيئر ٽراءِ سائيڪل واڪ ڪينز واڪر ڪرنچز ۽ ڪموٽ چيئرز تقسيم ڪيا ويا افتتاحي ڪي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ اڳواڻ سيد محرم علي شاهه لکياري. ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو ريجنل ڊائريڪٽر عبدالقدوس ميمڻ ڊي اي او تعليم خيرپور عبدالسميع پنهور حفيظ الله شيخ ڊاڪٽر منصور احمد، محمد علي ڊاڪٽر منظار شر ۽ ٻين تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت معذورن جي بهتري ۽ بحالي لاءِ اڻٿڪ قدم کنيا آهن ته جيئن اهي معاشري جو سرگرم ۽ باوقار حصو بڻجن لائيف چينجنگ فائونڊيشن پاران مفت آڊيولاجيڪل ٽيسٽ ۽ اسپيشلسٽ ڊوائيسز مهيا ڪرڻ هڪ شاندار سماجي خدمتون آهن جيڪي قابل تعريف آهن اهڙا پروگرام معذور ماڻهن کي نئون حوصلو ۽ اعتماد ڏين ٿا، گڏيل ڪوششن سان سماج ۾ آگاهي وڌي ٿي ته معذوري ڪا ڪمزوري نه پر هڪ مختلف صلاحيت آهي هنن چيو ت معذورن جي بحالي واري ڪم ۾ اسان سڀني سرڪاري ٽيڪو پوندو تقريب ۾ سياسي سماجي ادبي صحافين معذورن توڙي شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

هنگورجا: معذورن کي ويل چيئر مفت فراهم ڪرڻ واري تقريب کي پ پ پ اڳواڻ سيد محرم علي شاهه ڊي سي خيرپور ۽ ٻيا خطاب ڪندي

پ پ تعلقي ڪنري جي نئين مقرر انفارميشن سيڪريٽري طرفان سرگرميون تيز

عمرڪوٽ (ڊ ر) ڪنري پ پ تعلقي ڪنري جي نئين مقرر انفارميشن سيڪريٽري عباس علي رند پاران تنظيمي سرگرميون شروع ڪندي ايم پي اي نواب تيمور ٽالپر ،ضلعي جنرل سيڪريٽري صوفي نواز سومرو ،تعلقه صدر شاهنواز جوڻيجو ۽ ٻين سان ملاقاتون ڪري سٽي ۽ يونين ڪونسلن تي نون عهديدارن جي مقرري جي حوالي سان صلاح مشورا ڪيا عباس رند ٻڌايو ته آئون پارٽي جي مقامي ۽ اعلي قيادت جو احسان مند آهيان جنهن مون تي اعتماد ڪري اهم ذميواري ڏني پنهنجي مقامي ۽ ضلعي اڳواڻن سان گڏجي انهي ذميواري کي بهتر نموني نڀائيندس ڪنري سٽي سميت يونين ڪونسلن وارڊس وغيره ۾ نوان عهديدار مقرر ڪرڻ لاءِ صلاح مشورا جاري آهن عهدن جي خواهشمندن کان درخواستون پڻ طلب ڪيون آهن

گهوٽڪي جي عدالت ۾ ڪوڙو چيڪ ڏيڻ تي جوابدار کي سزا

عدالت جوابدار کي ٽي سال قيد ۽ ٽيهه هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

رپاڻي راڻا محمد عمر جوابدار ڊاڪٽر راڻو عارف جي خلاف ڪوڙو چيڪ ڏيڻ جو ڪيس داخل ڪرايو هو

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي جي عدالت ڪوڙو چيڪ ڏيڻ تي جوابدار کي ٽي سال قيد ۽ ٽيهه هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي خبر موجب سيڪنڊ سول جج گهوٽڪي منظور احمد ڏاريجو جي عدالت ڪوڙو چيڪ ڏيڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي ٽي سال قيد ۽ ٽيهه هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي آهي ان سلسلي ۾ ايڊووڪيٽ لياقت علي ملاڻو ٻڌايو ته ٿاڻو اي سيڪشن گهوٽڪي تي فريادي راڻا محمد عمر جوابدار ڊاڪٽر راڻو عارف جي خلاف 71 لک 40 هزار رپين جو ڪوڙو ... علي ملاڻو ارشاد سومرو عرض محمد پنهيار امتياز ملاڻو ۽ بشير ملاڻو عدالت ۾ پيش ٿيندا رهيا. ايڊووڪيٽ لياقت ملاڻو موجب ته عدالت ٻنهي ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ ڊاڪٽر راڻو عارف کي ٽي سال قيد ۽ ٽيهه هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي انهي کان علاوه پراپرٽي جو ڪوڙو ايگريمينٽ ڪرڻ تي به جوابدار کي وڌيڪ ٽي سال قيد ۽ پنجاهه هزار رپيا جرمانو جي سزا ٻڌائي وئي جڏهن ته جوابدار پاران راڻا محمد عمر خلاف داخل ڪرايل ڪيس کي ڪوڙو قرار ڏيندي ڪيس ...

عثمان شاهه هڙي ويجهو يوسي ڏاسوڙي جي ڳوٺ گل محمد پلي ۾ باهه واقعو ڊي سي پهتو

ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو الهيار نور مصطفيٰ لغاريءَ باهه واري هنڌ پهچي باهه متاثرن سان ملاقات ڪئي

نقصان جو انگ اکر وٺي ازالي لاءِ حڪومت کي خط لکيو ويندو جلد متاثرن جي مدد ڪئي وڃي: ڊي سي

متاثرن لاءِ ڪاڌي پيتي، ٽينٽ ۽ مڇر دانيون فراهم ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون آهن: نور مصطفيٰ لغاري

عثمان شاهه هڙي(ت ر) عثمان شاهه هڙي ويجهو يوسي ڏاسوڙي جي ڳوٺ گل محمد پلي ۾ لڳل باهه جي متاثرن جي واهر لاءِ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو الهيار نور مصطفيٰ لغاريءَ باهه واري هنڌ پهچي باهه متاثرن سان ملاقات ڪئي ۽ متاثرن کي يقين ڏياريو ته سندن ڳوٺ ۾ لڳل باهه جي متاثرن لاءِ اي سي جهنڊو مري ۽ رينيو عملي کي هدايت ڪئي ته باهه متاثرن جي نقصان جو انگ اکر وٺي ازالي لاءِ حڪومت کي خط لکيو ويندو جلد متاثرن جي مدد ڪئي وڃي ان موقعي تي ڳوٺ پرسان قائم ڳوٺ جو احساسو ۽ اٺي لڳل سوار سسٽم جي باري ۾ پڇا ڪئي وئي اها پڻ هدايت ڪئي ته سرڪاري ملڪيتن تي ڪنهن قسم جو قبضو برداشت نه ڪيو ويندو متاثرن لاءِ ڪاڌي پيتي ٽينٽ مڇر دانيون فراهم ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون ان موقعي تي اي سي جهنڊو مري ضمير جروار يوسي چيئرمين غلام بلوچ معشوق لنڊ ۽ ٻيا رونيو کاتي جا عملدار پڻ موجود هئا

عثمان شاهه هڙي: ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو الهيار نور مصطفيٰ لغاريءَ باهه واري هنڌ پهچي باهه متاثرن سان ملاقات ڪئي

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ ۾ تبديلي اچڻ لڳي

ميهڙ(ن ع) گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ ۾ نئين مقرر ٿيل پرنسپال پروفيسر محمد ابراهيم چانڊيو جي اچڻ ڪانپوءِ ڪاليج جي تعليمي نظام ۾ بهتري ڪاليج جي تاريخ ۾ پهريون دفعو شاگرد يونيفارم ۾ اچڻ لڳا ان سلسلي ۾ ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر محمد ابراهيم چانڊيو آزاد پريس ڪلب ميهڙ سان ڳالهائيندي چيو ته ميهڙ ڪاليج ۾ ڏينهون ڏينهن تبديلي پئي اچي مون کي ڪاليج جي چارج سنڀاليندي هڪ مس ٿيو آهي منهنجي ڪوشش آهي ته هر ڪاليج کي سٺي طرف ڪٺي وڃان ڪاليج ۾ ڪافي تبديلي اچي رهي آهي هن چيو ته سان ڪاليج ۾ ڊريس لاڳو ڪئي آهي منهنجو شاگردن جي حاضري تي تمام گهڻو زور آهي هن ميهڙ شهر ۽ آس پاس جي مختلف ڳوٺن جي تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن جي والدين کي پيغام ڏيندي چيو ته ڪاليج ۾ پنهنجا ٻار موڪليو اسان تي اعتماد ڪيو انشاءالله اسان توهان جي اعتماد تي پورو لهنداسين هن چيو ته منهنجو ويزن آهي ته هن ڪاليج کي ڪيڊٽ ڪاليج وانگر ڏاهيان ان موقعي تي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ جو سينيئر ڪلارڪ جميل احمد آبڙي به موجود هو

مسوپرگڙي لڳ ڳوٺ غلام حيدر جويو جديد سهولتن کان محروم

ڳوٺ غلام حيدر جويو اڄ جي جديد دور ۾ به انيڪ مسئلن جي ور چڙهيل

يوسي 22 جيئنڊل ڪوٽ جي ڳوٺاڻن پاران شديد احتجاج، سهولتون ڏيڻ جي گهر

مسوپرگڙي (ن ع) مسوپرگڙي لڳ ڳوٺ غلام حيدر جويو اڄ جي جديد دور ۾ به انيڪ مسئلن جي ور چڙهيل ڳوٺ سالن کان حڪومتي توجهه کان محروم بڻيل . يوسي 22 جيئنڊل ڪوٽ جي ڳوٺاڻن پاران شديد احتجاج ڪندي چيو ويو آهي ته سندن ڳوٺ کي ڪرپشن، لاپرواهي ۽ بيحسي جي ور چاڙهيو ويو آهي جتي گذريل ڪيترن ئي سالن کان هڪ به ترقياتي ڪم ناهي ٿيو ڳوٺ جو مرڪزي رستو لوهار پٽڙي مڪمل طور تي ڪچي آهي ۽ انتهائي خراب حالت ۾ آهي جتي عام سواري نهيو ۾ ايمبولينس لاءِ به صورتحال انتهائي خراب آهي بجلي ۽ صاف پاڻي جي شديد کوٽ آهي ڳوٺ ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ گهر موجود آهن پر اڄ تائين اڌ ڳوٺ کي بجلي جي سهولت ميسر ناهي فلٽر پلانٽ غير فعال بڻيل آهي صاف پاڻي جي ڪا به سهولت ميسر ناهي ، جنهن سبب ڳوٺاڻا گندو پاڻي استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن ڳوٺ ۾ ڪا به اسپتال يا ڊسپينسري موجود ناهي جنهن سبب نديون بيمارين ٻه وڌيون ٻڌجي وڃن ٿيون. متياري ٽڪ ماڙ چونڊيل نمائندن جو ٻه ڪو به پتو ناهي هتان جي سياسي، سماجي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته سرڪاري فنڊن جو ڪو پتو ناهي ڳوٺاڻن کي حق ڏيڻ بدران انهن سان مسلسل ناانصافي ٿي رهي آهي هنن مطالبو ڪيو ته لوهار پٽڙي کي پڪو ڪرائي ڏنو وڃي رهيل اڌ ڳوٺ ۾ بجلي فراهم ڪئي وڃي صاف پاڻي لاءِ فلٽر پلانٽ فعال ڪيو وڃي ڳوٺ ۾ ڊسپينسري قائم ڪئي وڃي ڪرپٽ عملدارن خلاف جاچ ڪئي وڃي هنن چيو ته جيڪڏهن سندن مسئلا حل نه ٿيا ته هو احتجاج ڌرڻا ۽ روڊ بلاڪ ڪرڻ سميت هر قانوني رستو اختيار ڪندا.

مسوپرگڙي: ڳوٺ غلام حيدر جويو جديد سهولتن کان محروم

خيرپور ۾ حملي آور جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ حملي آور جوابدارن جي گرفتاري لاءِ عورتن مردن سميت احتجاجي مظاهرو ڊرڙوباڙر جوابدارن پاران حملو ڪري فائرنگ ڪري نوجوان ديدار علي رند کي سخت زخمي ڪرڻ واري واقعي خلاف عورتن سميت ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو احتجاج ڪندڙن جي اڳواڻي علي دوست خير علي بانو گوهر خاتون ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته برادري جي بااثر آندل خان رند طريل مير حسن ۽ ٻين معمولي ڳالهه تان فائرنگ ڪري نوجوان ديدار رند کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو ۽ بي سيڪشن خيرپور پوليس بااثر حملي آور جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران اسان کي پريشان ڪري رهي آهي

جام صاحب لڳ ڳوٺ محمود خان شر ۾ ڪٽ

جام صاحب(ن ع) جام صاحب لڳ ڳوٺ محمود خان شر ڏيهه 5 جمڙائو جي رهواسي روڊ ۽ ٻين بنيادي سهولتن نه هئڻ خلاف ڳوٺاڻن پاران پوليو مهم جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ جمال الدين شر قاضي خان شر سجاد شر ۽ ٻين عبرت نيوز سان ڳالهائيندي چيو ته اسان کي جيسڌائين روڊ نٿي ملندو تيسڌائين اسان پوليو مهم کان بائيڪاٽ ڪنداسين اسان سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيئي رهيا آهيون اسان کي روڊ ۽ ٻين بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن جڏهن ته يوسي پريتم آباد جي چيئرمين مير مرتضي شر ڳوٺ محمود خان شر پهچي يقين ڏياڻي ڏيارينڊي چيو ته توهان جيڪي به بنيادي مسئلا روڊ، اسڪول جي چوڏاري ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جي اسڪيم ڏني ويندي ۽ توهان جا جيڪي به بنيادي مسئلا هوندا يقين ڏياڻي سان جلد حل ڪيا ويندا تنهن ڪانپوءِ ڳوٺاڻن ڳالهيون ٻڌي پوليو مهم جو بائيڪاٽ ختم ڪري ڇڏيو ۽ ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پئي آريا ويا.

ٺرڙي لڳ ڳوٺ محمد صديق ڳن جو بوائز پرائمري اسڪول بند

بوائز پرائمري اسڪول استاد جي بدلي سبب گذريل پندرهن ڏينهن کان بند پيل

وقار جهنجهيان اسڪول سڀني نموني هلائي رهيو هو ته اوچتو ان کي بدلي ڪيو ويو آهي: مظاهرين

ٺرڙي محبت(ن ع) ٺرڙي محبت لڳ ايم پي اي فياض ڀٽ جي اباڻي يوسي ۽ سندس ڳوٺ کان ٿوري مفاصلي جي ڳوٺ محمد صديق ڳن جو بوائز پرائمري اسڪول استاد جي بدلي سبب گذريل پندرهن ڏينهن کان بند پيل آهي جهنڊڪري ڳوٺ جا ٻار اسڪول ۾ پڙهڻ بجا رلندا رهن ٿا ڳوٺاڻن پاران استاد جي بدلي ٿيڻ خلاف عبدالنبي ڳن عباس عبدالله ڳن ۽ ٻين اسڪول جي معصوم ٻارڙن سان گڏ احتجاجي مظاهري ڪندي عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ڳوٺ جو اسڪول اڳوڻي وڏي وزير لياقت علي جتوئي جي دور حڪومت ۾ ٺهيو جيئن سندن جي حڪومت ختم ٿي ته اسڪول ۾ ڪو به استاد مقرر نه ٿيو ۽ ڪيترائي سال اسڪول بند رهيو ليڪن هاڻي نون استادن جي اچڻ سبب هڪ استاد وقار جهنجهيال جو آرڊر ٿيو جنهن هن بند پيل اسڪول کي کولي تمام سٺي نموني هلائي رهيو هو ته اوچتو ان کي بدلي ڪيو ويو آهي جهنڊڪري هاڻي اسان جي اسڪول ۾ استاد ناهي ۽ هي معصوم ٻار جيڪي پڙهندا هيا هاڻي استاد نه هجڻ ڪري رلندا وتن ٿا هنن چيو ته جيڪڏهن اسان جي اسڪول مان بدلي ڪيل استاد کي واپس نه ڪيو ويو ته اسين سخت کان سخت احتجاج ڪنداسين هنن جو وڌيڪ چوڻ هيو اهڙي ترقي يافتا دور ۾ به اسڪول بند هجڻ اها هتان جي ڳوٺاڻن سان سراسر زيادتي آهي واضح رهي ته هي ڳوٺ ايم پي اي فياض ڀٽ جي ڳوٺ ڀٽ سرائي کان ٿوري مفاصلي تي آهي ۾ پوءِ به بند پيل آهي جڏهن ته ڳوٺاڻن پاران اسڪول بند هجڻ جي آگاهي پڻ ڏني وئي آهي ۾ پوءِ به اسڪول کي تالو لڳل آهي جنهن تي ڳوٺاڻا حيرت جو اظهار ڪندي وزير تعليم سردار شاهه ۽ تعليم کاتي جي وس وارن فوري اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري تعليمي عمل کي جاري رکڻ جو مطالبو ڪيو آهي

ٺرڙي محبت: بوائز پرائمري اسڪول استاد جي بدلي سبب گذريل پندرهن ڏينهن کان بند پيل

خيرپور ۽ آسپاس مليريا وبا جي صورتحال اختيار ڪري وئي

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۽ آسپاس مليريا وبا جي صورتحال اختيار ڪري وئي سول ۽ سٽي اسپتال ۾ 100 کان وڌيڪ داخل وڏو انگ ٻارڙن جو شامل هڪ بيڊ تي 3/3 ٻارڙا سعيل علاج ۽ دوائن جي کوٽ شهري سخت پريشان خيرپور ۽ آس پاس مليريا وبا جي صورتحال اختيار ڪري وئي آهي صرف هڪ ڏينهن اندر سول ۽ ٻارڙن جي سٽي اسپتال خيرپور ۾ 100 کان وڌيڪ ماڻهو اسپتال داخل ڪيو ويو آهي جن ۾ نشا آمنا عطا حسين آڏان وزير اسلم علي جان ۽ ٻيا شامل آهن جڏهن ته دوائن جي کوٽ ۽ علاج جي سهولتن جي کوٽ جنهن ڪري رهواسي سخت پريشان آهن رهواسين موجب اسپتال ۾ دوائون نه پيون ملن ۽ هڪ هڪ بيڊ تي 3 ٻارڙا رکيا ويا آهن جنهن ڪري سخت پريشان آهيون

خيرپور ميڊيڪل ڪاليج ۾ اسپائن جي عالمي ڏينهن تي سيمينار

انسان جي جسم ۾ هر حصي جي اهميت آهي: ڊاڪٽر فروخ پنهور

ريڙهه جي هڏي جو ڪم انتهائي نازڪ ۽ اهم آهي: ڊاڪٽر مختيار احمد لاکو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر ڊاڪٽر جاويد احمد ڦلپوٽو جي هدايتون ته اسپائن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان هڪ آگاهي سيمينار جو اهتمام ڪيو ويو اسپائن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان خيرپور ميڊيڪل ڪاليج جي نيورو ڊپارٽمينٽ پاران ڪاليج جي مين ڪيمپس جي ليڪچر هال تي عوامي آگاهي لاءِ هڪ اهم سيمينار جو اهتمام ڪيو ويو. سيمينار جي صدارت ڪاليج جي چيف ايڊمنسٽريٽر ڊاڪٽر فروخ پنهور ۽ نيورو ڊپارٽمينٽ جي هيڊ پروفيسر ڊاڪٽر مختيار احمد لاکو ڪئي سيمينار کي ڊاڪٽر مختيار لاکو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته انسان جي جسم ۾ هر حصي جي اهميت آهي پر ريڙهه جي هڏي جو ڪم انتهائي نازڪ ۽ اهم آهي افسوس سان ڏسجي پيو ته اسپائن جي تڪليفن ۾ مبتلا ماڻهن جو انگ تيزي سان وڌي رهيو آهي ان لاءِ اهڙين آگاهي مهمن جي اشد ضرورت آهي سيمينار ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان آيل مشهور نيورو سرجن ۽ نيورو فزيشن پڻ شرڪت ڪئي، جن اسپائن جي صحت، عام بيمارين احتياطي تدبيرن ۽ جديد علاج تي تفصيلي روشني وڌي.هو سيمينار ۾ رکو طبعي شعبي جي شاگردن لاءِ علم وڌائيندڙ هو پر عام ماڻهن لاءِ به صحت جي شعور کي اجاگر ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو سيمينار ۾ ايڊمنسٽريٽر ڊاڪٽر طارق سومرو عبدالله خلجي فهيم احمد چنو فيڪلٽي ميمبرن سميت شاگردن شاگردياڻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

خيرپور ضلعي ۾ افغانين جي موجودگي واري اطلاع باوجود انتظاميا تحرڪ نه ورتو

وفاقي حڪومت پاران غير قانوني طور ترسيل افغانين جي نيڪالي جي فيصلي باوجود ايڪشن نه ٿيو

وڏاماڇيرن، پير هوليي، نوئي مل ڪالوني، احمدپور ۽ ٻين علائقن ۾ غير قانوني طور ترسيل افغانين جي هجڻ جا اطلاع

ضلع انتظاميا ڪي به قدم نه کنيا نه ڪارروائي عمل ۾ آندي، مجرمانه خاموشي تي علائقي واسين ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانيل

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ضلعي ۾ افغانين جي موجودگي واري اطلاع باوجود انتظاميا تحرڪ نه ورتو مختلف هنڌ تي سوين افغاني ترسيل وفاقي حڪومت پاران غير قانوني طور ترسيل افغانين جي نيڪالي ڏيڻ جي حوالي سان حڪم باوجود خيرپور انتظاميا ڪي به قدم نه پئي کڻي ضلعي خيرپور جي مختلف هنڌن وڏاماڇيرن پير هوليي نوئي مل ڪالوني احمدپور ۽ ٻين علائقن ۾ افغانين جي هجڻ جا اطلاع آهن جڏهن ته ڪراچي مان بيدخل ڪيل پڻ پنهنجي مائٽن وٽ پڻ اچي ترسيا آهن پر ضلع انتظاميا ان حوالي سان ڪي به قدم نه کنيا نه ڪارروائي عمل ۾ آندي آهي اهڙي صورتحال ڪري علائقي واسين ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانيل آهي.

ڪوٽڙي ڪبير شهر جي سومرا محلي مان چوري جي ڪوشش

گهر ڌڻي جي سجاڳ ٿيڻ بعد چورن مٿان هوائي فائرنگ، سامان ڇڏي فرار

چورن کي سڃاڻون گوليون هلندس اهڙو پهرين پوليس کي به اطلاع هجي: عبدالغفار سومرو

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) گذريل رات ڪوٽڙي ڪبير شهر جي سومرا محلي مان استاد عبدالغفار سومري جي گهر مان ٽي نامعلوم چور موٽر سائيڪل چوري ڪرڻ جي ارادي سان پٺ ٽپي داخل ٿيا، ڪڙڪي جي آواز تي غفار سومرو کي سجاڳي ٿي پئي جنهن چورن مٿان هوائي فائرنگ جا ڊوڙيا ڪري ڏنا، چٽي فائرنگ جي خوف وچان چور موٽر سائيڪل ڦلو ڪري پنهنجي موٽر سائيڪل تي چڙهي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جڏهن ته فائرنگ جي آواز تي بروقت ڪوٽڙي ... پيچو ڪيو مگر چورن کي لوڙڻ وٺي ملڻ تي چور رفو چڪر ٿي ويا، صبح جو پاڳيا پيرين ۽ پوليس جي مدد سان چورڻ جا پيرا کڻي ڪوٽڙي محمد ڪبير کان ٻن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي ٽالپور اسٽاپ وٽ گم ڪري موٽي آيا، ان موقعي تي استاد غفار سومري ميڊيا کي ٻڌايو ته ٽئي چور ڪنهن جي ڏس تي منهنجي گهر ۾ موٽر سائيڪل چوري ڪرڻ جي نيت سان گهڙيا آهن چور معافي جي لائق ناهن اڄ رات ڪان ولي مان پاڻ هٿيار ڪئي سومرا محلي ڪان ...

اڏيرولال لڳ يوسي پليجاڻي جو چيئرمين عبدالغفار ڪوسو وفات ڪري ويو

اوڏيرولال (ن ع) اڏيرولال لڳ يوسي پليجاڻي جو چيئرمين عبدالغفار ڪوسو ڊگهي علالت بعد لاڏاڻو ڪري ويو پيپلز پارٽي سان لاڳاپيل اڳواڻ ڪافي وقت کان بلڊ ڪينسر ۾ مبتلا هو گذريل ڏينهن حيدرآباد جي خانگي اسپتال ۾ وفات ڪري ويو آهي جنهن جي جنازي نماز اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ الله بخش ڪوسو ۾ ادا ڪرڻ بعد مرحوم کي مقامي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته پوئتين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي پٽي طرف رئيس عبدالغفار ڪوسو جي ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 17 آڪٽوبر 2025ع

پاڪستان جي ڪامياب دفاعي حڪمت عملي

پاڪستان ۽ افغانستان جي وچ ۾ تازي چڪتاڻ هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته سرحد پار دهشتگردي ۽ طالبان جي جارحاڻين روين جي روڪٿام لاءِ سخت ۽ نتيجه خيز قدم کڻڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. پاڪستان جي سلامتيءَ تي حملي کي جنهن پاڪ فوج بهادريءَ سان پسپا ڪيو اتي ساڳئي وقت سفارتي محاذ تي به سنجيده حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ 48 ڪلاڪن لاءِ جنگبندي جو فيصلو ٿيو اهو فيصلو طالبان انتظاميا جي درخواست تي ڪيو ويو جيڪو پاڪستان جي صبر ۽ ذميوار رويي جو مظاهرو آهي. اهو ڪنهن کان لڪل ناهي ته افغان سرحدي علائقن مان پاڪستان تي ٿيندڙ حملن ۽ دهشتگرد ڪارروايون سبب ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا گذريل ڪيترن مهينن کان سخت تڪراري بڻيل آهن. تازو افغان طالبان ۽ فتنة الخوارج پاران اسپن بولدڪ، نوشڪي، چمن، ژوب ۽ ڪرم سيڪٽرن ۾ ٿيل بزدلاڻه حملن کي پاڪ فوج نه رڳو ناڪام بڻايو پر جارح قوتن جي ڪيترين ئي چوڪين ۽ پناهه گاهن کي مڪمل طور تباهه ڪري ڇڏيو سيڪيورٽي ذريعن موجب قنڌار ۽ ڪابل ۾ خوارج جي مرڪزن تي نشانو بند فضائي ۽ زميني ڪارروايون ڪيون ويون جن ۾ فتنة الخوارج جي قيادت ختم ڪئي وئي. قنڌار ۾ افغان بٽالين هيڊڪوارٽر ۽ بريگيڊ تي ٿيل حملن ۾ اهم فوجي اڏا به تباهه ڪيا ويا. جڏهن ته سيئي هدف شهرين کان پري چونڊيا ويا، جيئن ڪنهن بيگناهه کي نقصان نه پهچي.

پاڪ فوج جي حڪمت عمليءَ جو سڀ کان اهم پاسو اهو آهي ته هر ڪارروائي سوچي سمجهي ۽ دفاعي ضرورت تحت ڪئي وئي. دشمن جي هر جارحيت جو جواب مڪمل عزم ۽ پيشه ورانه مهارت سان ڏنو ويو. هن ڪارروائيءَ ۾ 50 کان وڌيڪ طالبان ۽ دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن ته ڪيترائي زخمي ٿيا. افغان طالبان جي بزدلاڻه قدمن جو نتيجو اهو نڪتو ته هو پسپا ٿي ويا ۽ انهن کي پنهنجون اڳتي وڌايل لائينون ڇڏي واپس وڃڻو پيو. ان صورتحال ۾ صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي وچ ۾ ٿيل ملاقاتن ۾ قومي سلامتيءَ، دفاعي حڪمت عملين ۽ افغانستان سان لاڳاپيل سفارتي قدمن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي. صدر ۽ وزيراعظم ٻنهي افغان جارحيت جي سخت مذمت ڪئي ۽ پاڪ فوج جي هوشياري، بهادري ۽ دفاعي مهارت کي ساراهيو وزيراعظم جو اهو چوڻ ته "ملڪ جي سلامتيءَ جو هر قيمت تي دفاع ڪيو ويندو" قوم لاءِ اطمينان جو پيغام آهي. چو ته پاڪستان ڪنهن به حال ۾ پنهنجي خودمختياريءَ ۽ قومي مفادن تي سوديبازي نٿو ڪري سگهي. افغانستان پاران ٿيندڙ هن حملن جو هڪ اهم پاسو اهو به آهي ته طالبان انتظاميا جي اندر فتنة الخوارج جهڙا گروهه اڃا تائين متحرڪ آهن. جيڪي پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ کي هوا ڏين ٿا. انهن جي سرگرمين سبب ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ بي اعتمادي وڌي رهي آهي. پر پاڪستان جي طرفان دهشتگردن جي مرڪزن تي ڪيل ٽارگيٽيڊ حملن مان اهو واضح پيغام مليو آهي ته پاڪستان پنهنجي سرزمين ۽ شهرين جي حفاظت لاءِ ڪنهن به انتها تائين وڃي سگهي ٿو. چمن ۽ سرحدي علائقن ۾ ٿيل فائرنگ سبب عام شهرين جو متاثر ٿيڻ افسوسناڪ آهي. پر پاڪستاني حڪام پاران تعليمي ادارا بند ڪرڻ ۽ پوليو مهم عارضي طور روڪڻ جو فيصلو به هڪ ذميوار قدم آهي. جيڪو عوامي تحفظ کي اوليت ڏيڻ جي علامت آهي. اهڙي بحران جي گهڙيءَ ۾ پاڪستان جي طرفان ڪنٽرولڊ ۽ متوازن ردعمل عالمي سطح تي به سٺي شهرت جو باعث بڻيو آهي. عارضي جنگبنديءَ جو فيصلو جيتوڻيڪ محدود مدي لاءِ آهي. پر اهو اميد جو در کولي ٿو وزارتِ خارجا جي بيان موجب ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ 48 ڪلاڪن دوران تعميري ڳالهه ٻولهه ذريعي مسئلي جو پائيدار حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. پاڪستان جي ڪوشش آهي ته طاقت بدران ڳالهه ٻولهه ذريعي مسئلن جو حل نڪري، پر جيڪڏهن ٻي ڌر پنهنجو جارحاڻو رويو جاري رکندي ته پوءِ پاڪستان کي پنهنجي دفاعي حقن مان هٿ کڻڻ جو ڪو سبب نه رهندو.

پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي سنڌ، نتيجا ۽ ڪجهه مشورا...

رحمت الله ٻرڙو

قلم جي طاقت کي ذميواري ئي بهتر سمجهي سگهي ٿو يا وري جنهن خلاف قلم استعمال ٿئي. قلم جي مار جي سٽ دنيا جا بادشاهه ۽ شاهوڪار به برداشت ناهن ڪري سگهندا. تازو ڪامن ويلٿ وارن جي هڪ ٻارباڊوس ۾ ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ سيڪريٽري عمر فاروق ٻرڙو جي اڳواڻيءَ ۾ اسٽاف سميت اسيمبلي ميمبرز به شرڪت ڪئي. ٻارباڊوس ڪانفرنس جو مقصد بهتر ۽ شفافيت واري حڪومت جو تاثر قائم ڪرڻ هو. عوامي نمائندگيءَ معرفت اسيمبلين کي بهتر رول ادا ڪندي بهتر عوامي ۽ ادارتي نگراني ڪرڻ ۽ موجوده دور جي گهرجن کي سامهون رکي اسيمبلي ميمبرن، پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي کان وٺندي پارلياماني ڪميٽيز يا اسٽينڊنگ ڪميٽيز کي عوامي نمائندگي ۽ احتساب واري تاثر ڏيڻ تي زور ڏنو ويو. تازو ڪجهه ميڊيا ۾ اهي رپورٽون آيون آهن ته سنڌ اسيمبليءَ جي قائم پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽيءَ کي جيڪو قانوني ۽ ادارتي روح سان ڪم ڪرڻ کپي، سو پڻ ڪونه پيو ٿئي. ان کان پهريان اهي به رپورٽون ريڪارڊ جو حصو ۽ وقت جون شاهديون آهن ته گذريل ٽن مدن واري اسيمبليءَ دوران پي اي سي جا اجلاس هڪ ته ٿيندا ئي ڪونه هئا. جيڪڏهن ٿيندا به هئا ته نالي ماتر هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن نثار احمد کهڙو جي چيئرمين شپ ۾ پي اي سي ايترو گهڻو سرگرم ٿي آهي ته ان جو ڪو مالي شفافيت قائم ڪرڻ وارو ڪو بهتر تاثر سامهون رپورٽ ناهي ٿي سگهيو؟! جيڪڏهن واقعي پي اي سي موجوده سربراهه ۽ منتظمين جي سربراهيءَ ۾ ڪو بهتر ڪارڪردگي بنيادن تي ڪم ڪيو آهي ته اها پبلڪ رپورٽ سامهون ناهي اچي سگهي. اهڙيون ڪارڪردگي عوامي رپورٽس اسيمبلي ويب سائيٽ تي هجڻ ۽ رکڻ کپن. اهي رپورٽون ۽ بهتر مالي شفافيت کان وٺندي ادارتي احتساب وارو تاثر ادارن ۾ به نظر اچڻ کپي؟ ادارن مان تاثر پنهنجي تاثير کي عوامي سطح تي به ڏسڻ وٽان نظر اچڻ گهرجي؟ اهي سمورا سوال سواليه نشان طور سامهون بيهي جواب گهري رهيا آهن. عام بازار جي ٻوليءَ ۾ ڪامورن کان ڪلارڪن تائين، ڪراچي کان ڪشمور تائين اهي ڳالهيون عالم آشڪار آهن ته لوڪل گورنمينٽ کاتي جي هر يوسي 50 هزار کان 75 هزار روپيا في يونين ڪائونسل جا آڊٽ پيرا جو جواب نه ڏئي سگهڻ جو ملهه يا رقم لڳي آهي ۽ ايئن وري في ٽائون ڪاميٽي هڪ لک کان مٿي ڊيل ٿيڻ جون ڳالهيون هاڻي بازار جي ڪچهرين جو بحث آهن. اهو تاثر اهي ڳالهيون ۽ بازار جي ٻولي آخر بحث جو حصو ڇو ٿيون آهن؟ انهن جا پيرا خود پي اي سي سربراهن کي ڪٿڻ کپن؟ هڪ حد جي ڳالهه کان مٿانهين ڳالهه به عام هوٽلز ۽ آفيسرز کان وٺندي ڪلارڪن جي ڪچهرين جي معمول جو بحث آهي ته في يونين ڪائونسل کان مهمان جي دعوت جي مد ۾ 30 هزار في يونين ڪائونسل کان ورتا ويا. اهي ۽ اهڙيون ڪافي ٻيون ڳالهيون هاڻي خوشي بازار مان گهرڻ واري سودي جيان سرعام ٿين ٿيون. ٻارباڊوس ڪانفرنس جي مقصدن ۽ سنڌ اسيمبلي ڪميٽيز جي مقصدن ۽ پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽيءَ جي حقيقي روح وارن مقصدن کي سامهون رکي جڏهن ڪو تجزيو ڪجي ٿو ته گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ جيڪي نتيجا ملڻ کپن سي سامهون نظر ڪونه ٿا اچن. ان سلسلي ۾ چند ڳالهيون هيٺ ڏجن ٿيون، جن جي بنياد تي عمل پيرا ٿيندي اڳتي بهتر ڪارڪردگي سامهون آڻي سگهجي ٿي.

مالي شفافيت ۽ ادارتي سڌارن بابت مشورا

پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جو بنيادي مقصد صوبائي مالي وسيلن جي شفاف، ذميوار ۽ نتيجا خيز استعمال کي يقيني بڻائڻ آهي. هن مقصد لاءِ هيٺيان اهم مشورا پيش ڪجن ٿا:

آڊٽ رپورٽن جي بروقت جائزي لاءِ نظامي شيڊول: سيني کاتن جي آڊٽ رپورٽن تي باقاعدي ۽ وقتائتا اجلاس مقرر ڪيا وڃن ته جيئن پراڻيون فائلون جمع نه ٿين ۽ مالي ذميواري برقرار رهي.

ريڪوري ۽ فالو اپ ميڪينزم: جن ڪيسن ۾ بي ضابطگين جي نشاندهي ٿئي، تن ۾ فوري فالو اپ ۽ ريڪوري لاءِ مقرر وقت ۽ ذميوار آفيسر جو تعين ضروري بڻايو وڃي.

ادارن کي پائيدار بڻائڻ، نه پريشان ڪرڻ: آڊٽ عمل کي سزا بدران سڌاري جو ذريعو بڻايو وڃي. ادارن سان تعاون واري لهجي ۾ گڏجي مسئلا حل ڪيا وڃن.

ڊيجيٽل آڊٽ ٽريڪنگ سسٽم: جديد ٽيڪنالاجي ذريعي آڊٽ پيرا، فيصلا ۽ عملدرآمد جي نگراني لاءِ آن لائين ٽريڪنگ سسٽم متعارف ڪرايو وڃي.

صلاحيت وڌائڻ (Capacity Building) ڪميٽي جي ميمبرن ۽ لاڳاپيل آفيسرن لاءِ

ذهين ذهنن جي پرڏيهي هجرت: پاڪستان لاءِ هڪ قومي سواليه نشان؟

غلام فاروق

پاڪستان، جيڪو ڏکڻ ايشيا جي دل ۾ واقع آهي اڄ هڪ اهڙي موڙ تي بيٺل آهي جتي سنڌس سڀ کان ذهين ۽ قابل ماڻهو پرڏيهي ملڪن ڏانهن رخ ڪري رهيا آهن. جيڪو ڪجهه عرصو اڳ تائين صرف انفرادي عزائم ۽ خوابن جو حصو هو، سو هاڻي قومي سطح تي هڪ سنگين بحران بڻجي چڪو آهي ذهين ذهنن جي هن لڳاتار هجرت، جنهن کي 'Brain Drain' يا "ذهين ذهنن جي نيڪالي" سڏيو وڃي ٿو پاڪستان جي ترقيءَ جي رفتار کي نه صرف سُست ڪري رهي آهي، پر ملڪ جي مستقبل کي به سوالن جي گهيري ۾ آڻي بيهاريو آهي. جڏهن هر سال هزارين ڊاڪٽر انجنيئر سائنسدان، استاد ۽ آءِ ٽي ماهر يورپ، آمريڪا، آسٽريليا، ڪينيڊا، سعودي عرب ۽ ٻين ملڪن ڏانهن روانا ٿين ٿا، ته هڪ اهم سوال اڀري ٿو: ڇا پاڪستان پنهنجي بهترين ٽيلينٽ کي ملڪ ۾ روڪي سگهي ٿو؟ يا هن کي پنهنجي مستقبل جي معمارن کي وڃائڻو پوندو؟

هيءَ مضمون هن بحران جي وسعت، ان جي بنيادي سببن، ملڪ تي ان جي گهڻ طرفي اثرن، متاثر ٿيل ماڻهن جي ذاتي ڪهاڻين ۽ ان کي منهن ڏيڻ لاءِ ممڪن حل تي تفصيلي روشني وجهي ٿو. تازن انگن اکرن ۽ ماهرن جي راءِ جي مدد سان، هي آرٽيڪل هڪ اهڙي چئلينج کي نمايان ڪري ٿو جنهن کي حل ڪرڻ لاءِ حڪومتن، ادارن ۽ سماج جي فوري ۽ گڏيل عمل جي ضرورت آهي.

پاڪستان ۾ ذهين ذهنن جي پرڏيهي هجرت هاڻي ڪو لڪيل رجحان ناهي؛ اهو هڪ طوفاني سيلاب بڻجي چڪو آهي تازن انگن اکرن موجب، 2023 ۾ 862,625 پاڪستاني پرڏيهي ملڪن ڏانهن لڏي ويا، جيڪو 2022 ۾ 832,339 ۽ 2021 ۾ 288,280 جي مقابلي ۾ تمام وڏو انگ آهي. اپريل 2024 تائين پاڪستان جي معاشي سروي مطابق، 13.53 ملين کان وڌيڪ پاڪستاني 50 کان وڌيڪ ملڪن ۾ نوڪريءَ جي ڳولا ۾ نڪتا. 2024 ۾، ملڪ 727,381 ماهرن کي پرڏيهي روزگار جي حوالي سان وڃائي چڪو آهي.

خاص طور تي پروفيشنل طبقي جي هجرت جا انگ اکر وڌيڪ پريشان ڪندڙ آهن. گذريل ٽن سالن ۾ هڪ ملين ماهر پروفيشنلز- جن ۾ ڊاڪٽر انجنيئر اڪائونٽنٽ ۽ مينيجر شامل آهن- ملڪ ڇڏي چڪا آهن. طبي شعبي ۾، گذريل ڏهاڪي دوران 24,500 ڊاڪٽر پرڏيهي ملڪن ۾ آباد ٿيا. ان سان گڏ، 62,000 انجنيئر 13,000 استاد، 12,500 نرسون، 53,000 اڪائونٽنٽ ۽ 5,257 فارماسسٽ پڻ ملڪ کان ٻاهر نڪري ويا. 2022 ۾ 20,865 اعليٰ مهارت رکندڙ پروفيشنلز جي مقابلي ۾ 2023 ۾ 45,687 ماڻهو پرڏيهي ملڪن ڏانهن ويا، يعني 119 سيڪڙو واڌ.

هي انگ اکر صرف تعدادي نه آهن، پر معاشي نقصان جو هڪ وڏو اشارو آهن. ذهين ذهنن جي هجرت پاڪستان جي معيشت کي هر سال 4.2 بلين ڊالرن جو نقصان پهچائي ٿي. جڏهن ته 2024-25 ۾ ترسيل زر 38.5 بلين ڊالرن تائين پهتا، جيڪي 25.2 سيڪڙو واڌ ڏيکارين ٿا. پر ترسيل زر جو هي وهڪرو ان خال کي پرڻ لاءِ ڪافي ناهي، جيڪو ماهرن جي روانگيءَ سان پيدا ٿي رهيو آهي. 2023 ۾، لڳ ڀڳ 314,932 ماهر پروفيشنلز خاص طور تي خليجي ملڪن ڏانهن، لڏي ويا. گذريل ٽن سالن ۾ تقريبن 30 لک پاڪستاني، مهانگائي، قانون لاڳاپي جي کوٽ ۽ بيروزگاريءَ جي ڪري ملڪ ڇڏي چڪا آهن.

تاريخي انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته 1971 کان 2022 تائين، 60 لک کان وڌيڪ اعليٰ تعليم يافته ۽ ماهر پروفيشنلز پرڏيهي ملڪن ڏانهن هليا ويا، جن ۾ 31,418 ڊاڪٽر، 12,853 نرسون، ۽ 5,839 فارماسسٽ شامل آهن. تازي معاشي اٿل پٿل هن رجحان کي وڌيڪ تيز ڪيو آهي ۽ صرف 2025 ۾ 750,000 تعليم يافته نوجوان پرڏيهي نوڪرين جي تلاش ۾ نڪتا آهن.

هيءَ هجرت صرف بهتر موقعن جي ڳولا ناهي، پر ملڪ اندر نظام جي ناڪامين جو نتيجو آهي. سياسي اٿل پٿل معاشي عدم استحڪام ۽ غير مناسب پيشه ورانه ماحول هن جا مکيه سبب آهن طبي شعبي ۾، نوجوان ڊاڪٽر ايم بي بي ايس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڏکيون ڊيوٽيون، گهٽ پگهارون ۽ غير معياري سهولتن کي منهن ڏين ٿا. سرڪاري اسپتالن ۾ بنيادي سامان ۽ دوائن جي کوٽ عام آهي، جنهن ڪري اهي پرڏيهي امتحان جهڙوڪ PLAB (برطانيه)، USMLE(آمريڪا)، AMC(آسٽريليا)، يا DHA(دبئي) جي تياريءَ ڏانهن رخ ڪن ٿا. گهٽ پگهار، خراب ڪم جا حالات ۽ ڪڏهن ڪڏهن صنفي تعصب پڻ انهن کي پريشان ڪري ٿو. هڪ سروي موجب، 81 سيڪڙو ڊاڪٽرن سياسي اٿل پٿل کي پنهنجي هجرت جو هڪ وڏو سبب قرار ڏنو.

انجنيئر سائنسدان ۽ آءِ ٽي ماهر پڻ ساڳين رڪاوٽن کي منهن ڏين ٿا. پاڪستان ۾ تحقيق جا موقعا محدود آهن. ٽيڪنالاجي پراڻي آهي ۽ جديد منصوبن لاءِ فنڊنگ گهٽ آهي ان جي ابتڙ يورپ ۽ آمريڪا ۾ جديد ليبارٽريون بين الاقوامي فنڊنگ ۽ عالمي سڃاڻپ موجود آهي. نتيجي طور، اهي ماهر پرڏيهي ملڪن ۾ پنهنجي صلاحيتن کي استعمال ڪن ٿا، جيڪي پاڪستان جي بدران ٻين ملڪن جي معيشت ۽ سائنس کي مضبوط ڪن ٿا. بيروزگاري، گهٽ پگهار ۽ ترقيءَ جي موقعن جي کوٽ هن رجحان کي وڌيڪ تيز ڪري ٿي. دهشتگردي، بدعنواني ۽ تعليمي نظام جي ڪمزوري پڻ ان ۾ اضافو ڪن ٿا.

استادن ۽ محققن جو حال به مختلف ناهي. پاڪستان جي يونيورسٽين ۾ علمي آزادي، جديد تحقيقي وسيلا ۽ علم دوست ماحول عالمي معيارن تي پورا نٿا لهن. ڪيترائي پروفيسر ۽ اسڪالر ادارن کان مايوس ٿي، پرڏيهي نوڪرين يا ريسرچ فيلوشپس اختيار ڪن ٿا. اهي واپس نه موٽندا آهن، جنهن سان ملڪ جا تعليمي ادارا علمي لحاظ کان خالي ٿيندا وڃن ٿا.

وسيع تر سطح تي، سياسي ۽ سماجي عدم استحڪام، جرم ۽ گهٽ معيار جي زندگي پڻ ماهرن کي پرڏيهي ملڪن ڏانهن ڌڪي ٿي. ٽن سالن ۾ لڳ ڀڳ 30 لک ماهر پاڪستاني بدعنواني، ناانصافي ۽ مايوسيءَ جي ڪري ملڪ ڇڏي ويا...

ذهين ذهنن جي هجرت جا نتيجا صرف انفرادي روانگين تائين محدود ناهن؛ اها هڪ قومي خونريزي آهي. معاشي طور، اها ملڪ جي ترقيءَ کي روڪي ٿي، جو ته تعليم ۽ تربيت ۾ لڳايل سرمايو ضايع ٿئي ٿو. طبي شعبي ۾ ڊاڪٽرن جي کوٽ صحت جي نظام کي دٻاءَ ۾ آڻي ٿي، جنهن سان خدمتن جي فراهميءَ ۾ خلل پئجي ٿو. تعليمي شعبي ۾، استادن جي روانگي ادارن جي معيار کي گهٽائي ٿي، جيڪو ايندڙ نسلن لاءِ نقصانڪار آهي.

تحقيقي پيداوار پڻ متاثر ٿئي ٿي ۽ پاڪستان جو عالمي علمي درجو گهٽجي ٿو جدت سست ٿئي ٿي، جو ته انجنيئر ۽ سائنسدان پرڏيهي معيشتن ۾ حصو وٺن ٿا. سماجي طور، هيءَ هجرت خاندانن کي جدا ڪري ٿي ۽ ثقافتي لاڳاپن کي ڪمزور ڪري ٿي.

ذهين ذهنن جي هجرت حقيقي آهي. ۽ اها تيزيءَ سان وڌي رهي آهي... اسان ڪيترين ئي جديد سوچون ۽ مستقبل جا اڳواڻ وڃائي رهيا آهيون. جڏهن اسانجا بهترين ذهن پرڏيهي ملڪن ڏانهن وڃن ٿا، ته انساني وسيلن جو معيار اوسط ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. مطالعن ۾ پڻ ذهين ذهنن جي هجرت کي گهٽ جي ڊي پي ۽ انساني سرمايي جي ترقيءَ سان ڳنڍيو ويو آهي.

سوشل ميڊيا هن بحران کي وڌيڪ نمايان ڪري ٿو. Xتي صارف فصيح منگي لکيو: "پاڪستان جا روشن ترين ذهن رڪارڊ تعداد ۾ ملڪ ڇڏي رهيا آهن... ٽن سالن ۾ هڪ ملين ماهر روانا ٿيا." انفوٽيڪ جي سي او هاريس نصير جو چوڻ آهي ته هي صرف روانگي ناهي، پر اسان جي نوجوانن کي پرڏيهي ملڪن ۾ سفير طور تيار ڪرڻ ۾ ناڪامي آهي.

ذاتي ڪهاڻيون پڻ دلچسپ آهن. هڪ ڊاڪٽر Xتي لکيو: "ڪو به سببن تي ڳالهه نٿو ڪري... بيروزگاري، گهٽ پگهار ۽ ترقيءَ جي گهٽتائي." هڪ ٻي پوسٽ ۾ چيو ويو: "پاڪستان ۾ ذهين ذهنن جي هجرت ۾ وڏي واڌ ٿي آهي... حڪومت جي هن رجحان کي روڪڻ جي صلاحيت تي شڪ پيا پون." اهي ڪهاڻيون هڪ گڏيل مايوسيءَ جو عڪس آهن: هڪ نظام جيڪو ٽيلينٽ کي تعليم ته ڏئي ٿو پر ان کي ملڪ ۾ روڪڻ ۾ ناڪام آهي.

هي چئلينج جيتوڻيڪ وڏو آهي، پر حل موجود آهن. حڪومتن کي گهرجي ته هو مقابلاتي پگهار، تحقيقي فنڊنگ، جديد تربيت ۽ عالمي معيار جي سهولتن کي ترجيح ڏين. انٽرپرينيورشپ کي فروغ، نوڪرين جي تخليق ۽ معاشي استحڪام نوجوانن کي ملڪ ۾ روڪي سگهن ٿا. واپس اچڻ وارن لاءِ اسڪالرشپس ۽ شفاف ڀرتيءَ جا عمل پڻ اهم آهن.

پاڪستان، چين، ڀارت، ۽ آئرلينڊ جي مثالن تي عمل ڪري سگهي ٿو، جتي پرڏيهي ماهرن سان گڏجي نوان پروجيڪٽ ۽ تحقيقي مرڪز قائم ڪيا ويا آهن. مستحڪم پليسيون، صحت ۽ تعليم جي بنيادي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ ۽ عدم استحڪام کي گهٽائڻ پڻ ضروري آهي.

هڪ مثبت پهلو به آهي: ڪيترائي پرڏيهي پاڪستاني عالمي سطح تي سڃاڻپ حاصل ڪري رهيا آهن ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪن ٿا. جيڪڏهن حڪومت انهن سان مؤثر رابطو قائم ڪري، ته هي 'برين ڊرين' کي 'برين گين' ۾ بدلائي سگهجي ٿو.

ذهين ذهنن جي هجرت صرف معاشي نقصان ناهي؛ اهو پاڪستان جي مستقبل جو زوال آهي. هر روانو ٿيندڙ پروفيشنل صرف هڪ فرد ناهي، پر هڪ ادارو آهي، جيڪو ٻين جي تربيت ۽ خدمت جو ذريعو ٿي سگهي ٿو. سوال اهو آهي: ڇا اسان اهڙو ماحول ناهي سگهون ٿا، جتي ٽيلينٽ ملڪ ۾ ترقي ڪري؟

هن لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي- حڪومتي اصلاحات، سماجي تبديليون ۽ انفرادي وطن پرستي. جيڪڏهن ڪامياب ٿياسين، ته پاڪستان پنهنجي انساني سرمايي کي سائنسي، معاشي ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو. متبادل؟ هڪ ڪمزور قوم، جنهن جو وجود سنڌس سڀ کان وڏي اثاثي- يعني ان جي ماڻهن- جي وڃائڻ سان خطري ۾ پئجي ويندو.

(نوٽ: ليکڪ غلام فاروق، ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي-ايڇ ڊي ريسرچ اسڪالر (Ai)(يونيمارڪوني يونيورسٽي، اٽلي) ايڊيشنل ڊائريڪٽر ريسرچ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ افئر ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جي عهدي تي فائز آهي)

فلسطين جي خوشحاليءَ تي ويٽو ڪنهن ڪيو آهي؟

محمود شام

ڌيئرون جوان ٿي ويون، ماءُ پيءُ مٽيءَ حوالي ٿي ويا، پاڻر مارجي ويا، گهر ڍهي تباهه ٿي ويا. ڪو ڏهه ورهيه پوءِ پنهنجي ڪٽنب کي ڏسي رهيو آهي، ته ڪو ويهه ورهيه پوءِ پنهنجي ماءُ جي ڀاڪر ۾ اچي روئي رهيو آهي. غزه ۾ تباهي، رت وهڻ ۽ لاشن جا منظر ڏسندي ڏسندي سال گذري ويا، پر هاڻي انهن ٻچ ڊاهين جي وچ ۾ جڏهن ڪٽنبن جي ٻيهر ملاقات ٿي رهي آهي، ته اها هڪ ننڍڙي اميد، هڪ نئين ساهه جيان لڳي ٿي. شرم الشيخ ۾ مسلم حڪمرانن جا چهرا اهڙي ريت چمڪندڙ لڳا پيا آهن، جڻ درٻاري بادشاهه جي هڪ جهاتي تي خوشيءَ ۾ مٿو جهڪائي رهيا هجن. سامراج ٻيهر ڪٽي ويو آهي. امريڪا مصر انڊونيشيا، قطر ترڪي ۽ پاڪستان جي حڪمرانن کي سهارو بڻائي، وري هڪ ڀيرو وچ اوڀر ۾ پنهنجو ڪنٽرول قائم ڪري ورتو آهي. لبيا ۽ عراق ۾ لکين ماڻهن کي ماري ڇڏڻ ڪانپوءِ، هاڻي غزه ۾ صرف ٻن ورهين اندر ستر هزار ٻار، مائرون ۽ پوڙها موت جي اونداهين ۾ ڌڪيا ويا آهن. غزه ۾ جنگ بنديءَ بابت جيڪي به ٺهراءَ آيا، امريڪا هر ڀيري انهن کي ويٽو ڪري ڇڏيو. نيتن ياهو جهڙي فلسطيني رت جي پياسي شخص جي پُٺ تي هٿ رکي شاباس ڏيڻ ڪانپوءِ، امريڪي صدر وچ اوڀر وري پنهنجي نالي ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن ڪو اسلامي ملڪ غير مسلم ملڪن خلاف اهڙيءَ ريت قتل و غارت جو بازار گرم ڪري ڇڏي ها، ته امريڪا ۽ مغربي طاقتون ان ملڪ جو ڇا حال ڪن ها؟ پر هتي ته اُلٽو آهي. اسرائيل جي ظالم ۽ بي رحم وزيراعظم کي غزه ۾ امن قائم ڪرڻ جو سهرو ڪريڊٽ ڏنو پيو وڃي! اهڙيءَ طرح اسرائيل نه رڳو پنهنجي سياسي پر دفاعي ۽ سفارتي برتري به مڃرائي ورتي آهي، جنهن مان واضح اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مستقبل ۾ دنيا جي صف بندي ڪهڙي رخ تي ٿيندي. سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر جا واقعا اهو ثابت ڪري رهيا آهن ته پنجاهه کان وڌيڪ اسلامي ملڪن وٽ نه سياسي سوچ سمجهه آهي، نه سفارتي سمجهه ۽ نه ئي فوجي طاقت. جو اهي اهڙا مسئلا پاڻ حل ڪري سگهن. لينن چيو هو ته 'ڪڏهن ڪڏهن ڏهاڪا گذري وڃن ٿا ۽ ڪجهه به نٿو ٿئي، پر ڪڏهن ڪڏهن اهڙا هفتا ايندا آهن جن ۾ ڏهاڪن جهڙا وڏا واقعا پيش اچن ٿا.' سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر جا اهي هفتا به بلڪل اهڙا هئا، جن ۾ ڪيترائي وڏا واقعا هڪدم ٿي ويا. افغانستان جي پرڏيهي وزير جو ڀارت جو هڪ هفتي جو ڊگهو دورو، پاڪستان جي ڪارروائيءَ تي افغانستان جا جوابي حملا، سپريم ڪورٽ ۾ 26هين آئيني ترميم خلاف درخواستن تي ٻڌائي، خيبرپختونخوا ۾ عمران خان جو وزيراعليٰ تبديل ڪرڻ جو فيصلو ن ليگ، پ پ پ ۽ جميعت علماءِ اسلام پاران نئين وزيراعليٰ سهيل آفريدي جي مخالفت، پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ سندس حلف روڪڻ جون ڪوششون، اهي سڀ واقعا ملڪ جي سياسي چڪتاڻ کي ظاهر ڪن ٿا. ٻئي پاسي غزه ۾ امن معاهدي جو اعلان ٿيو. امريڪي صدر ٽرمپ جو اسرائيلي پارليامينٽ ۾ خطاب، مصر ۾ ٿالثن جي موجودگيءَ ۾ معاهدي تي دستخط، چين طرفان پاڪستان ۽ افغانستان ٻنهي کي فوجي ٽڪراءَ کان بچڻ جو مشورو، ڀارت طرفان وري ڌمڪيون ۽ تحريڪِ لبيڪ پاڪستان جا فلسطيني حق ۾ احتجاج، اهي سڀ هڪ اهڙي پيچيده سياسي تصوير پيش ڪن ٿا، جتي هر قوت پنهنجي مفادن جي جنگ وڙهي رهي آهي.

هاڻي دنيا ۾ انساني مفادن ٽيڪنالاجيءَ جو قبضو وڌي رهيو آهي ۽ موت جي سامان تي تجربا جاري آهن. فلسطين ۾ رت وهڻ ۽ لاش پوڻ کي روڪڻ لاءِ جيڪو معاهدو ٿيو آهي، اهو به اصل ۾ ٽرمپ جي تجويزن تي ٻڌل آهي. 9 آڪٽوبر تي اسرائيل ۽ حماس ٻنهي ان تي صحيحون ڪيون آهن. پر اهڙا معاهدا اڳ به ڪيا ويا آهن ۽ پوءِ به انهن جي ڪا خاص حيثيت نه رهي آهي. اسرائيل پنهنجي طاقت ۽ غرور ۾ اهڙا رڪارڊ ناهي ڇڏيا آهن، جيڪي معاهدن جي ڀڃڪڙيءَ جا مثال بڻجي چڪا آهن. اوسلو معاهدي جي نتيجي ۾، 4 مئي 1994ع تي جيڪا 'فلسطيني رياست' قائم ٿي، اها شروع کان ئي ڪمزور ۽ نازڪ هئي. فلسطيني جيڪي 1948ع کان وٺي قربانيون ڏئي رهيا آهن، پنهنجو رت وهائي رهيا آهن، اهي ڪنهن اهڙي ڪمزور ۽ بي بس رياست لاءِ نه وڙهيا هئا. فلسطيني اٿارٽي جي ڪُل ايراضي صرف 6,020 چورس ڪلوميٽر آهي، جنهن جي آبادي لڳ ڀڳ 52 لک آهي. جڏهن ته اسرائيل جو علائقو 20,770 چورس ڪلوميٽر ۽ آبادي هڪ ڪروڙ تائين پهتل آهي. ويسٽ بئنڪ جو علائقو 5,655 ڪلو ميٽر آهي ۽ غزه تي 2007ع کان حماس جو سياسي ڪنٽرول قائم آهي. اسرائيلي فوج لڳ ڀڳ ٻه لک نوجوانن تي مشتمل آهي، جن ۾ بَري، فضائي ۽ سامونڊي فوج شامل آهي. جڏهن ته 4 لک 65 هزار فوجي اهڙا آهن، جيڪي مڪمل طور تي جديد ترين هٿيار هلائڻ جا تربيت يافته آهن ان جي ابتڙ فلسطيني رياست وٽ نه بري فوج آهي، نه فضائيه، نه سامونڊي فوج. معاهدي موجب جيڪڏهن ڪو غير ملڪي حملو ٿئي ته اسرائيل ئي فلسطين جو بچاءُ ڪندو پر الميو اهو آهي ته حملو ته اسرائيل پاڻ ڪندو آهي ۽ دفاع لاءِ ڪير به ناهي. اسرائيل کي جديد ترين هٿيار پهچائڻ وارن ملڪن ۾ سڀ کان اڳ امريڪا آهي، جڏهن ته جرمني، برطانيا، اٽلي ۽ فرانس به نه صرف هٿيار ڏين ٿا پر مالي امداد به ڪن ٿا. سڄي دنيا جا يهودي پنهنجي واحد يهودي رياست جي مالي مدد ڪرڻ کي روحاني فرض سمجهن ٿا. ٻئي پاسي فلسطين ۾ قانون ساز ڪائونسل نه موجود آهي، پر حڪومت نيم صدارتي نظام تي هلندڙ آهي. 2005ع کان وٺي محمود عباس صدر آهي، پر ان ڪانپوءِ وري چونڊون ٿي نه ٿيون آهن. فلسطين جي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ جنگجو لڳ ڀڳ 6 هزار آهن. جڏهن ته حماس جا جنگجو 20 هزار کان 30 هزار تائين آهن. فلسطين ۾ وڃڻ چاهي ويسٽ بئنڪ هجي يا غزه، اهو به اسرائيلي فوج جي چيڪ پوائنٽن مان گذرڻ کانسواءِ ممڪن ناهي. فلسطيني تنظيمن ۾ پاڻ ۾ به وڏا اختلاف موجود آهن. جيڪي سندن طاقت کي وڌيڪ ڪمزور ڪري ڇڏين ٿا. سيپٽمبر 2025ع تائين دنيا جي 157 ملڪن فلسطين کي هڪ 'رياست' طور تسليم ڪري ڇڏيو آهي، پر ان سان به فلسطين جي قانوني حيثيت ۾ ڪا تبديلي نه آئي آهي. اقوامِ متحده ۾ فلسطين کي فقط 'غير ميمبر مبصر رياست' جو درجو حاصل آهي، جيڪو 2012ع ۾ ڏنو ويو هو. ان جي ذريعي فلسطين کي مباحثن ۾ ڳالهائڻ جي ته اجازت آهي، پر ووٽ ڏيڻ جو حق ناهي. هاڻي جڏهن 193 ملڪن مان 157 ملڪ فلسطين کي مڪمل رياست تسليم ڪري چڪا آهن، ته ان جو درجو بدلڻ گهرجي، پر امريڪا جي ويٽو پاور مسلسل ان لاءِ رڪاوٽ بڻيل آهي. مسلم ملڪن جا حڪمران هن وقت امريڪا لاءِ واهه واهه ڪندا نظر اچن ٿا، اهو ئي امريڪا جيڪو فلسطيني رياست کي اقوام متحده جو مڪمل ميمبر بڻجڻ نٿو ڏئي. شرم الشيخ جي اجلاس ۾ اسلامي ملڪن کي ايتري به همت نه ٿي جو 70 هزار فلسطيني شهيدن لاءِ گڏجي فاتحه پڙهن. ان معاهدي تي صحيحون ٿيڻ ڪانپوءِ به اسرائيلي فوج فلسطيني ماڻهن جو قتل جاري رکيو. اها آبادي، جيڪا پنهنجي ئي اختلافن جو شڪار آهي، جنهن کي 54 اسلامي ملڪن مان ڪنهن به قسم جي سفارتي مدد نٿي ملي ۽ جتي مظلومن جي حق ۾ مظاهرا به بند ڪيا ويا آهن. جڏهن ته غير مسلم ملڪن ۾ انهن لاءِ وڌيڪ احتجاج ٿيا آهن. ٻهرين ئي اهڙي رياست کي خودمختياري حاصل ناهي، ان جي معيشت جو وڏو حصو غير ملڪي امدادن تي دارومدار رکي ٿو. محصول ۽ ٽيڪس به اسرائيل پاڻ وصول ڪري ٿو. غربت وڌي رهي آهي ۽ جيڪي فلسطيني اڳي اسرائيل ۾ مزدوري يا نوڪري ڪندا هئا، اهي دروازا به هاڻي بند ٿي ويا آهن. اهڙي رياست جي بقا ڪيئن ممڪن ٿي سگهي؟ جڏهن امريڪا ۽ اسرائيل گڏجي فلسطين جي خوشحاليءَ تي ئي ويٽو لڳائي ڇڏيو آهي.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

لَڳِي ڪوسو واءُ، لوڪَ مِڙوئِي لَهسِيو؛
اَيَنِ مَنجهان آيو، "هيءِ! هيءِ!" جو هڳاءُ؛
طَيورَنِ تَنوارِيو، پُنهونءَ پُڃاڻاءُ؛
رَسِيو سُورُ شَبانَ کي، وُحُوشَنِ وَڻاءُ؛
مِرُوئَنِ موتَ قَبُولِيو، اَپَرِ اَفسوساءُ؛
بَرَ پِڻُ ڪن بَڪاءُ، اَڪَنڊِيا آريءَ لءِ گهڻو.

(سُرُ سسئي آبري)

زندگيءَ ۾ ترتيب آڻڻ جي ضرورت آهي!

حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيون آهن پورهيت، مزدور، هاري ۽ ننڍين نوڪرين وارا ماڻهو انتهائي ڪٺن زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته هيٺيون طبقو هينئر پنهنجي پيٽ پالڻ ۾ ڪا خرابي محسوس نه ٿو ڪري. شهر ته نهيو پنهنجي رهائش جي آسپاس ئي نظر وجهجي ٿي ته اڪثر ماڻهو پنندي نظر اچن ٿا. بلڪه صبح جو سوير سرد ڏهاڙن ۾ پوڙها، ٻار ۽ عورتن کي رستي ۾ ويٺي گاڏين ڏانهن حسرت ڀريل نگاهن سان نهاريندي ڏسجي ٿو. ان کان علاوه ڪنهن شاپنگ سينٽر مارٽ، مال يا ميڊيڪل اسٽور جي ٻاهران ڪيترائي ماڻهو بيوسيءَ جو بُت بڻجي هٿ ڊگهيڙين ٿا. ارمان جي ڳالهه اِها آهي ته هِن وقت ڏيندڙ جو پنهنجو حال به خراب آهي، خاص ڪري نوڪري پيشه ماڻهو سوچي سمجهي ڏينهن گذارين ٿا، جو انهن کي هر مهيني سيدو سامان وٺڻ مهل بل ۾ اضافو نظر اچي ٿو ٻارڙن جا ڪتاب، بيمارن جون دوائون، ڪپڙو لٽو توڙي سفر انتهائي مهانگو ٿي ويو آهي جيڪي ماڻهو هر ڏکي سُکيءَ ۾ پنهنجن وٽ پير ڀريندا هئا، اهي هاڻي بهانا تلاش ڪن ٿا. باقي جن وٽ رشوت جا پئسا آهن، انهن جا ڪالهه به جاوا هئا ته اڄ به آهي موجن ۾ آهن. بلڪه انهن لاءِ هيءَ وڌيڪ سونهري دور ثابت ٿيو آهي جو وقت جي حڪمرانن کي جنداپت کان واندڪائي ئي ناهي ته اهي ٻين خرافات تي ڪيئن نگاهه وجهن.

پڙهيو لکيل طبقو توڙي زرخيز ذهن مُلڪ کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ پَر ساهي رهيا آهن. هتي سڀني کي پنهنجو مستقبل ڊنڊلو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪي ماڻهو ٿورو گهڻو عقل فهم رکن ٿا، حالتن کان آگاهه آهن. اهي وڌيڪ پريشان نظر اچن پيا. سندن سوچ آهي ته جڏهن موجوده وقت ۾ عالمي ادارا قرض ڏيڻ لاءِ تيار ناهن سياڻي جيڪڏهن حالتون وڌيڪ خراب ٿيون ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ مُلڪ مٿان قرض جو سوچي ڏکڻي ولي وڃي ٿيا سمجهه ۾ نٿو اچي ته ايڏو وڏو قرض ڪيئن ۽ ڪٿي خرچ ٿيو؟ ترقيءَ جو به پورو سارو حال آهي، سواءِ وڏي صوبي جي باقي هر هنڌ ڪاريءَ وارا ڪک ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪلاڪن جا ڪلاڪ لوڊ شيڊنگ ٿي رهي آهي، گئس جي پڻ لوڊ شيڊنگ جاري آهي، روزگار جا وسيلا رهيا ناهن ننڍا ڪاروبار تباهه ٿيندا پيا وڃن.

توانائي جي بچت جي حوالي سان اڪثر پلان جڙندا رهندا آهن، ڪڏهن ڪاروبار رات جو سادي اٺين وڳي بند ڪرڻ جو چيو ويندو آهي ته ڪڏهن شادي هال جو وقت مقرر ڪري ڏنو ويندو آهي. پر اِهي پلان عارضي وقت لاءِ هوندا آهن. ٿيڻ ته اِئين گهرجي ته اهڙا پلان مستقل بنيادن تي زندگيءَ جي وهنوار جو حصو بڻائڻ گهرجن. اسان کي ڏين به سيکاري ٿو ته رات آرام لاءِ ۽ ڏينهن ڪم ڪار لاءِ هوندو آهي، پر اسان انهيءَ فطري اصول جي اُبتڙ هلي رهيا آهيون. واپاري طبقو ته ڏينهن جو ٻارهين وڳي کي صبح ڪوٺي ٿو پر جيڪڏهن اهو صبح جو نائين يا ڏهين وڳي دڪان کولي شام جو سج لٿي ڪاروبار بند ڪري ته اَن سان رڳو توانائيءَ جي ئي بچت نه ٿيندي، پر خود واپاريءَ کي به پنهنجن ٻارن سان گڏجي ويهڻ، ماني کائڻ يا اُنهن کي پڙهائڻ جو موقعو ميسر ٿي سگهندو. پيو ته سوير ڪاروبار بند ٿيڻ سان وساريل ناتا رشتا به ٻيهر بحال ٿي سگهندا. پر اِنهن ڳالهين تي عمل ڪرائي ڪير؟ حڪمران ٻين کي ته سادگيءَ جي صلاح ڏين ٿا، پر پنهنجا خرچ گهٽائڻ لاءِ تيار ناهن. ڪابينا جو هيڏو وڏو انگ انهن جي سنجيدگيءَ کي ظاهر ڪري ٿو. جيڪڏهن حڪمران طبقو پنهنجي پروٽوڪول ۾ ئي گهٽتائي آڻي ته هوند وڏي رقم خرچ ٿيڻ کان بچي پوي.

حميد ابڙو

اڄوڪو ڏينهن ..... 17 آڪٽوبر

ڊاڪٽر نذر حسين سڪندري



هن مشهور ديني عالم ۽ اديب جي ولادت 17 آڪٽوبر 1956ع تي تعلقي نئين ميرواهه ضلعي خيرپورميرس جي ڳوٺ مولا بخش شر ۾ ٿي. هن شاهپور چاڪر جي صبغة الهدىٰ مدرسي ۾ ابتدائي ديني تعليم حاصل ڪئي، بعد ۾ شهدادپور ويجهو سومر فقير هنگوري جي ڳوٺ ۾ قائم صبغة الفيض مدرسي مان علم جي اُڃ اجهايائين. اڳتي هلي جامعه راشديه پيرڳوٺ ۾ سندس دستاربندي ٿي. هن مولوي عالم ۽ فاضل عربڪ جا امتحان پاس ڪيا ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي سرپرستيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي. مدرسن مان فارغ التحصيل ٿيڻ بعد شاهپور چاڪر ۾ درس ڏيڻ شروع ڪيائين. پاڻ ماهوار الهدىٰ رسالي جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين ۽ ڪجهه ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمون ڪيائين. هو هڪ پروفيسر طور رٽائر ٿيو.

نوڙهي قاتڪ جا شهيد

17 آڪٽوبر 1984ع جو ڏينهن قوم پرست تحريڪ جي تاريخ جو هڪ بدترين ڏينهن آهي. هن

ڏينهن تي سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي ۽ لياقت

شهيد عبدالمالڪ خشڪ مهراڻ يونيورسٽيءَ جو شاگرد هو. هن جو جنم 20 جون 1964ع تي تعلقي گهوڙاٻاري ضلعي ٺٽي جي ڳوٺ درويش ۾ ٿيو. پهرئين درجي کان ٻارهين درجي تائين ٺٽي ۾ پڙهيو. ننڍي هوندي کان ئي قوم پرست تحريڪ سان لاڳاپيل رهيو. هو اڃا چوٿين درجي ۾ پڙهندو هو جڏهن هن 4 مارچ جي جلسي جي اڳواڻي ڪئي. 14 سالن جي عمر ۾ شيرين سومرو واري واقعي خلاف هڪ جلوس جي اڳواڻي ڪيائين جنهن ڪري کيس گرفتار ڪري جيل اماڻيو ويو. سياسي سرگرمين ۾ سرگرم رهڻ باوجود هو هڪ هونهار ۽ پڙهاڪو شاگرد هو. شهادت وقت هو مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ ٻئي سال جو شاگرد هو.

شهيد ذڪريا ميمڻ جو واسطو سجاول ضلعي جي شهر دڙي سان هو. هن پرائمري تعليم دڙي مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان ماڊل اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو. هو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان لاڳاپيل هو ۽ شهادت وقت مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي رهيو هو.

شهيد انور علي عباسي شهادت وقت سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ماسٽر آف بزنس ايڊمنسٽريشن جو هونهار شاگرد هو. هن جو جنم قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ پڪي ۾ ٿيو. هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول وڳڻ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان

مختيار انڙ

تعليم موري مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول سنجهوري مان پاس ڪيو. شهادت وقت هو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم ايس سي جيالاجيءَ جو شاگرد هو.

شهيد محمد مٺل بليدي سنڌ يونيورسٽيءَ جي هاسٽلن جو چوڪيدار هو. هن جو جنم 1953ع ڌاري سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ ٿيو سندس والد به سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پٽيوالو هو.

حڪيم محمد سعيد

اڄ مشهور حڪيم، سياستدان ۽ ليکڪ حڪيم محمد سعيد جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 9 جنوري 1920ع تي دهليءَ ۾ پيدا ٿيو، هن عربي، فارسي، اردو ۽ قرآن جي تعليم دهليءَ مان حاصل ڪئي، هن دهلي يونيورسٽيءَ مان بي فارميسي ۽ ميڊيسنل ڪيمسٽريءَ ۾ بي ايس سي جون سندون حاصل ڪيون. اڳتي هلي فارميسيءَ ۾ ايم ايس سي جي سند به حاصل ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ بعد پنهنجي مائٽن پاران قائم ڪيل

پاڻ انهيءَ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بڻجي ڪم ڪيائين. هو هڪ وڏو ليکڪ، ڪالم نگار ۽ صحافي پڻ هو. هن لڳ ڀڳ 200 ڪتاب لکيا. ڪيترن ئي رسالن جي ايڊيٽر طور به ڪم ڪيائين. انهن رسالن ۾ پيامي، همدرد نونهال، همدرد صحت، همدرد اسلاميڪس ۽ ٻيا ڪيترائي رسالا شامل آهن. هن 19 جولاءِ 1993ع کان 23 جنوري 1994ع تائين سنڌ جي ويهين گورنر طور ذميداريون سنڀاليون. هن کي 17 آڪٽوبر 1998ع تي ڪجهه نامعلوم شرپسندن شهيد ڪري ڇڏيو.

اندرا واسواڻي



سنڌي ٻوليءَ جي هن مهان ليکڪا ۽ بهترين استاديائيءَ جو جنم 21 آگسٽ 1936ع تي ميرپورخاص ۾ ٿيو. ورهاڱي ڪانپوءِ پنهنجي مائٽن سان گڏ هندستان جا وڃي وسايائين. هن ايم اي ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ اسڪول ٽيچر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. هن گانڌيڌام جي اسڪول جي ايس آدرش ڪنيا مها وديالي مان رٽائر ڪيو. هن جو شمار گانڌيڌام جي بهترين استادن ۾ ٿيندو هو. 1994ع ۾ کيس نيشنل ايوارڊ فار ٽيچرس ۽ 1995ع ۾ هندستان جي صدر پاران بيسٽ ٽيچر ايوارڊ سان نوازيو ويو. سنڌي ادبي ڪيتر ۾ هوءَ هڪ برک ڪهاڻيڪاره جي حيثيت ۾ مشهور آهي هن لڳ ڀڳ 52 ڪهاڻيون لکيون. سندس ڪتابن ۾ "نالو"، "منجهي"، "ٽٽ"